
ستروسڪي جوناول HOW TO STEEL WAS TEMPERED

---

# سِسي نيزي پاند




## ناول

محمدعثمان ڏيپلائي

# ڊجيٽل بوڪ ڪارنر سنڌ ويب

## محترم دوستو.....!

اداري، سنڌ ويب ڊاٽ ڪام جي شروع ڪرڻ جو صرف ۽ صرف اهو مقصد هيو ته، سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ کي پنهنجي ادب ۽ دنيا جي سموري ادب تائين سستي ۽ مستقل پهچ ڏيارجي. انهيءَ مقصد کي آڏو رکي اسان اوهان دوستن جي لاءِ سنڌي ادب کي اي بوڪس (ڊجيٽل ڪتاب) جي صورت ۾ اوهان جي آڏو پيش ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. دوستو.... ! هن طريقي سان نه صرف سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين کي تمام گهڻو فائدو رسندو. انهيءَ ڏس ۾ اوهان سڀڻن کي گذارش ڪجي ٿي ته مهرباني ڪري اوهان وقت به پنهنجا قيمتي مشورا اسان کي ڏيندا ته جيئن اسان وڌيڪ سٺي ۽ سهڻي نموني سنڌ ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهون، ڪتاب جو فارميٽ پي.ڊي.ايف ۾ آهي جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ اوهان کي ايڪروبيٽ جي ضرورت پوندي (ايڪروبيٽ ريڊر انسٽال ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو). اهو سافٽويئر اٽڪل هر سي.ڊي ۾ ملندو آهي. ان سافٽويئر کي انٽرنيٽ تان ڊائون لوڊ ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ تي ڪلڪ ڪري ان جو ڪو به ورزن انسٽال ڪريو ۽ ڊائون لوڊ ڪيل ڪتاب کي ڏسو.

حبيب ساجد

03003131860

# مهاڳ

سسي نيزي پاند،برڪ روسي اديباسروسڪي جي ناول how the steel tempered جو اختصار آهي،جيڪواسانجي بزرگ ساٿي محمد عثمان ڏيپلائي اڄ ڪان ڳچ عرصو بقول ڏيپلائي صاحب جي تہ متا ٿر تي ڇپايو هو. ڇپجڻ بعد ٿوري عرصي ۾ ئي ڪتاب وڪامي ويو.ايتري قدر جواسان ڪجھ دوستن ڪي جڏهن انهي ڪتاب جي ضرورت پئي ۽ ڏيپلائي صاحب ڪي چيو سين، تہ پتو پيو تہ وٽس بہ اهو ڪتاب ڪونهي. پڇ ڊوڙ ڪري ڪتاب هٿ ڪيو سين فيصلو ڪيو سين تہ بيهر ڇپائجي.

ڪتاب جي باري ۾ اسين ڪجھ نٿا چئون پر هڪڙي ڳالہ ضرور چئبي تہ ڪتاب ڪي ڏيپلائي صاحب جيڪو سنڌي روپ ڏنو آهي سو بہ پنهنجي جاءِ تي وڏو ڪارنامو آهي .هي ڪتاب هيستائين دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجموٿي ڇپجي چڪو آهي.

اسان سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ اهو ڪتاب هڪ سٺو سنوڻ آهي.

## _ پبلشر

# 1

اڄ ڪورچاگن کي نئين ماسٽر وڄڻو پيو هو ، چاڪاڻ ته نئون ماسٽر کين حساب سيکاريندو هو، ۽ ماسٽرصاحب اڳين شاگردن کي ئي پڙهائي رهيو هو. ڪورچاگن کي ڇرڪ پيو، جو نئون ماسٽر انهن کي سمجهاڻي ڏيئي رهيو هو ته:

" هن دنيا قائم ٿي کي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ارب ورهيه ٿيا آهن يعني ٻه سو ڪروڙ ورهيه.اول اول ته هو ٻرندڙ گولي هئي،پوءِ آهستي آهستي ٺري ۽ منجهانئس گئس نڪتا ، جي مينهن ٻنجي وسڻ لڳا،مگر مٿس ڦڙا ڪرڻ شرط اهي وري ٻاف ٿيو ٿي وياءِ وري وسڻ لڳا.تان جو سو ڪروڙ ورهه اهي حالتون هلڻ بعد هوءُ انهيءَلائق ٻنجي ويئي،جومٿس ڪن ڪن هندن تي پاڻي بيهڻ لڳو ۽آخر ان پاڻي مان سينور ٿيو،۽ ٻوٽا پيدا ٿين لڳا پوءِ ساڃا سارا پنجاهه ڪروڙ سال اها ٻوٽن واري زندگي هلڻ بعد آخر ساهه وارا جيوڙا پيدا ٿيڻ لڳا.انهن جو دور ٻه ساڃا سارا پنجاهه ڪررڙ ورهيه هليو.پوءِاٽڪل ڏهه لک سال ٿيا ته ٻه انسان پيدا ٿيو ويچاري انسان جي عمر فقط ڏهه لک ورهه آهي يعني هڪ ڪروڙ جو ڏهون حصو ........".

ڪورچاگن اهي لفظ ٻڌي وسمي ۾ پئجي ويو. سندن پادري کين ائين ته کين پڙهاندو هو، هن جو چوڻ هو ته ،، دنيا پيدا ٿئي ڇهه ست هزار سال ٿيا آهن اترو ئي وقت انسان پيدا ٿئي کي ٿيا آهن . ۽ هي هي دنيا پيدا ٿي ئي انسان خاطر ڪئي وئي آهي ـ پلاانسانبنا نلهي دنيا ڪهڙي ڪم جيءَ وري اها ٻه اٽڪل ٻه ڪروڙ ورهيه. نتيجو اهو ٿيو ـجو حسابنم دل ڪانه لڳي ۽جڏهن پنهنجي ڪمري ۾آيا ته پادري ڪان وري ٻه دينيات جودرس ٻڌڻ لڳا. دينيات سان ڪورچاگن جو ڏاڍو چاهه هوندو هو. هو هن جي پڙهڻ کي وڏي نواب جو ڪم سمجهدو هو. ان ڪري بائيبل ( توريت انجيل زبور وغيره ڪتابن جي مجموعي ـ بائيبل ـ سڏبو آهي جنهن جي معنىٰ آهي الڪتاب).جو اکر اکر ياد هوندو هو. بائيبل جو دور هو. ان ڪري پادريءَ وري پڙهايو ڇهه ست هزار سال ٿيا آهن............

ڪورچاگن هٿ مٿي ڪنيو هن کي ڳالهائڻ جي اجازت ملي. هن اتي چيو" فادر! پر واري ڪمري ۾ اسين حساب سکڻ ويا هئا سون. مگر اتي ته ماسٽر ڇوڪرن کي پئي پڙهايو. ته هن دنيا پيدا ٿئي کي ٻه سو ڪروڙ ورهي ٿيا آهن. ۽ انسان کي پيدا ٿئي کي ڏهه لک ورهه ..........." .

ڦهو ڦهه ...... ڦهو ڦهه ...... اڃا هن ايترو ڳالهايو ئي مس تا پادريءَ مٿس ڏکن ۽ٻجن جي ڦهو ڦهه لڳائي ڏني. هن هڪ رڙ هيت ته هڪ مٿي . هن گهٽو ئي چيو ته " سائين ڪونه ٿو چوان . مگر ماسٽر ٿي چيو ته؛؛ پر لفظ ٻڌي ڪير؟ "پادري کي ايڏو ته غصو آيو۽ جوش هو جنهن جي ڪا حد نه هئي ۽ نه حساب هو. ننڊڙي ڪورچاگن ايڏي ته گهٽي مار مليل هئي ؛ هو ڇري ٻه نه پئي سگهيو.۽ پادري گهلي ڪني در ڪان ٻاهر ڪڍيس .

هي بي اختيار پاڻي پاڻي پڪارڻ لڳو پر ڪنهن ڪيس پاڻي نه ڏنو پاڻي ڏي ڪير اتي ٻارڙن مان هڪ سنن ڪپڙن واريءَ ڇوڪريءَ کي قياس آيو. هوءَ بي اختيار اتي ۽ پاڻي ڪٽي ڀر نڪتي. هن يڪدم ڪيس پاڻي پياريو ۽ پوءِ ٽيڪ ڏيئي گهر وني وڃڻ لڳي .

هن جو سنڌ سنڌ سور ڪان ساڻو هو. ڪيس دلداريون ڏيندي پئي ويئي پر هو جوش ۾ پرجي ڇئي رهيو هو ـ مگر تانيا! مونکي سي ڪان وڏو ڏک ته اهو آهي ته آخر پادريءَ مون کي مار ڏني ڇو ؟ مون گهناهه ڪهڙو ڪيو؟ مون ته اهي شڪ شبها لاهڻ ٿي چا هيا. جيڪي ٻي ماسٽر پيدا ڪيا هئا.پادريءَ ته مونکي ائين ماريو جيئن مون ڪو ڏوهه ڪيوهجي. پر وارو ماسٽر اها تعليم ڇوڪرن پئي سيکاري ان ؛

تہ ڪجھ نٿو چوي ۽ مونکي (اوچنگار ڏئي ) مون ابھم تي هن بي ڏڙڪ ڪٽي   ڦھو ڦھ جي وارون وار ڪئي! انهي ڪري آءُ هڪ غريب بيوھ جو ٻار هئس مگر ساڳي طرح جو ڪو امير جو  ٻار مون وانگر ڪچي ها تہ هو هرگزڪين  ائين ائين ڪونہ ماري ها...............................۔

هيتري چوڻ بعد اوچتو سندس  لڙڪ بيهي ويا ؛ هن جو چهرو لال ٿي ويو هن بلاند آواز سان چيو" آء قسم ٿو کڻان انهيءَ پروردیگار ۔ جنهن اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي ۔ تہ انهي مونکي جڏهن بہ ڪا طاقت عتا ڪئي ۔ تڏهن ساڳي پادري کي سندس ٻڪري جهڙي ڏاڙهي کان جهلي آءُ ائين مار ڪيندس ........"

" بس بس ۔ چوڪريءَ وات کي هٿ ڏيئي چيو ۔ هو اسان جو روحاني رهبر آهي هو خدا جو نمائيندو آهي."

ڪورچاگن ساڳئي جوش ۾ چيو" هرگز نہ ! هو خدا جو نہ پر شيطان جو نمائيندو آهي. خدا ڪڏهن ائين حڪم نہ ڪيو هندو. تہ هن طرح بيگناھ ابمن کي بنا ڪنهن سبب جي مار ملندي رهي سا بہ رڳو غريبن کي . اهو پادري جيڪو چوندو آهي آهي تہ ۔ غريب خدا کي ڏاڍا پيارا هوندا آهن ۔ سو پاڻ تہ غريبن سان ڪيڏي نہ بري هلت ڪري ٿو .تانيا ! تون ڏسج ويني خدا اهو ڏينهن خدا جو اهو ڏينهن ضرورآڻيدو"

ڪورچاگن ملڪ يوڪرين جي شهر" شپيتووڪا" جي هڪ رن زال جو پٽ هو. هن جو وڏو ڀاءُ ريلوي ۾ مستري هو ۽ تمام ٿورو پگهار ملندو هوس ۔ جنهن سان ٽن ماڻهن پيٽ پالڻ مشڪل هو.پر بيواھ ماءُ جو عزم هو. هر طرح جو پورهيو ڪري سور ڪائي بہ ننيڙي چوڪري کي ايترو پڙهاندس جو هو هڪ وڏو آفيسر بنجي انهي ڪري هوءَ ڏيهن رات پورهيو  ڪندي هئي تانيا ٻيلي ڪاتي جي هڪ آفيسر جي ڌه هئي جنهن جو بنگلو سندن گهر جي پر ۾ هو ۽ باوجود مائٽن جي منع جي بہ هوءَ غريب ٻارن سان پ.ي ملندي هئي انهيءَ ڪري اڄ هن   ڪورچاگن سان همدردي ڪئي هئي.

## 2

ويچاري بيواھ ماءُ وسمي ۾ پئجي ويئي هن کي ڏاڍيون اميدون هيون تہ پٽهنس پڙهي ڪو وڏو آفيسر ٿيندو ۔ پر پٽهنس جي هي ۽ پهرين منزل ڏسي ڏاڍو ڏڪ ٿيس . مگر هاڻي انهيءَ کان سوا ۽ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو تہ ڪا مزوري ڪرائيس . ڪافي ويچارن کان پوءِ هوءَ کيس ريلوي هوٽل ۾ وٺي ويئي .

هوٽل جو مالڪ ٿلهو بيدبولو شخص هو سندس اکيون خون خوار ۽ بي رحم  هيون " چا عمر آهي هن جي؟" هن پڇيو.

"ٻارهن سال جناب"ماڻس جواب ڏنو

" چڱو چڏي وڃينس .في الحال اٺ روپيہ مهينو ملندس ۽ جنهن ڏينهن ڪم ڪندو  ۔ ان ڏينهن جي ماني.هن کي هڪ ڏينهن چڏي ٻئي ڏينهن لڳو لڳ 24 ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ها آءُ چوري هرگز برداشت نہ ڪندس"

" چوري منهنجي ڪتن جو وڙ نہ ناهي جناب...۔ اسين غريب آهيون  ۔ بلڪل شريف آهيون"ڪورچاگن هبڪندي هبڪندي چيو

"چڱو شابس اٿئي ، پر محنت سخت آهي هٽي کان ئي ڪم کي لڳي وڃ" .

ماءُ هن کي مئنيجر هوالي ڪري هلي ويئي. "مئنيجر نوڪر کي چيو جنهن "فروسيا "نالي نوڪرياڻيءَ

جي حوالي وجي ڪيس جا ڪيس ڪافي مهربان لڳي . هن سارو ڏينهن ڪم ڪيو . اهوته ٻڌائڻ ضرورت ئي ڪانهي تہ هر شخص هن کي پئي ڪم چيو ۽ رعب جمايو ، تہ ڇرين وانگر ٻنا ڪنهن ٽڪ ۽ ناراضگيءَ جي سڀ ڪم نيڪ پئي ڪيو.

ٻئي ڏينهن سبع تائين هو ٽڪجي چور ٿي پيو ستين ٻجي مهل چوڪرو آيو هو ، هن کي ٿانو ٿپا حوالي ڪيا ويا هئا.هي چوڪرو ڪجهہ وڏو هو ، نفرت سان پئي نهاريائين ،آخر چيائين " ٻڌ ڙي بي نڪا ! سپاٽي پوري 6ٻجي اچي وڃ جائين ."

"ڇهين ٻجي جو وارو تہ ستين ٻجي بدليو آهي نہ؟" ڪورچاگن جواب ڏنو.

"انهي سان تنهنجو مطلب ڪونهي" هن تيزيءَ مان چيو " توکي انهيءَ سان واسطو ڪونهي، تہ وارو ڪيڏي مهل بدلبو آهي. تون هتي ڇهين ٻجي پهچي وڃجائين ۽ وڏيڪ بڪواس نہ ڪر،اهو پوڪن جهڙو منهن پڃي چڙيندو سانءِ.همت تہ ڏسوس، اچ ئي ڪم تي چڙهيو آهي ۽ اچ ئي پڪن ملازمن سان آڪڙ ڪري."

واري پوري ٿيل عورتون دلچسپيءَ سان هي جهيڙو ڏسي رهيون هيون. ڪورچاگن کي هن تي اهڙي ڇڙ آئي ، جو دل تہ چاهيس ٿي ، بي اختيار نونشي سان منهن پڃي چڙيس پر خوف ٿيس تہ متان هي تازي مليل نوڪري بہ نہ هلي وڃي، سندس پياري ماءُ کي وري بہ صدمو پهچي ،سو غصي ڪجهہ ٿورو پي ويو ۽ نهايت تيزيءَ سان چيائين" اها بڪواس بند ڪر نہ تہ منهنجا بہ ٻہ هٿ آهن . آءُ سپاٽي پوري ستين ٻجي مون سان بڪوپاس ڪيئي تہ نڪ پڃي چڙيندو سانءِ .آءُ پڙهين جو غلام نہ آهيان. جهڙو تون هوٽل جو نوڪر آهين اهڙو اءُ ، ۽ همت هجيئي تہ آءُ هاڻي بہ تيار آهيان." هن ٻانهون ڪنجيدي چيو.

سپني نوڪرياڻين ۾ ٿهڪڙو پئجي ويو .هن چوري گهٽن کي هيساهو هو ،پر هن نئين آيل نوڪر پهرين ئي ڏينهن سڄي آڪڙ ڍري ڪري ڇڏيس ۽ " چڱو ڏنو ويندو ، تو جهڙا مون گهٽائي سڌا ڪري ڇڏيا آهن ." چئي هليو ويو.

ڪورچاگن هن پهرينءَ فتح تي خوش ٿيندو گهر ويو .هن گويا عملي طرح اهو ثابت ڪري ڏيکاريو، تہ پنهنجي حقن جو بچاءُ ڪري سگهي ٿو.مظلوم ٻنجي ٻين کي دانهون ڏيڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو. مظلوم جو مددگار ڪوبہ ڪونہ ٿو ٿئي ۽ پنهنجي همت سان ۽ مصيبتون سهڻ سان جيڪو شخص پنهنجا حق بچائي وڃي ، ان جي همت تي سڀڪو آفرين چوي ٿو .۽ هي بہ ڏنائين ، تہ جيڪو ڊڄندو آهي ،ان کي هر ڪو ڪوءِ پيو ڪندو آهي .جيئن چوندا تہ" سامهين کي شينهن بہ نہ ڪائيدو آهي."

## 3

ڪورچاگن گهر آ يو ، تہ سندس پاءُ آرتيم کي بہ وينل ڏنائين ،هي ريلوي ۾مستري هو ۽ فقط 48 روپيا پگهار ملندو هوس. ماڻس پاڪر پائي چيس " ڪيئن ڪم سولو هو نہ؟"

" ڪم تہ ڏکيو هيو، پر مون پوريءَ دلچسپي سان ان کي سر انجام ڏنو ۽ اميد تہ آئينده بہ ڪندو رهندس "هن جواب ڏنو.ماڻس چيس " آرتيم هاڻي هتي بدلي ٿي آيو آهي ۽ هتي جي ريلوي يارڊ ۾ ڪم ڪندو" هو ڊڄندو اچي پاڻس سان مليو . " ڪيئي ميان !پڙهي پورا ڪينہ ؟ اسان کي تہ تون وڏي آفيسر ٻنجڻ جون اميدون هيون ، پر غريبن جا اهڙا بخت ڪٿان؟ هاڻي اتي دل لائي ڪم ڪج ، ٻيو هوٽل ۾ تہ عمر گري بخت ڪٿان؟ هاڻي اتي دل لاءِ ڪم ،ڪجهہ وڏو ٿئين تہ وري ڪنهن هنر ۾ هٿانءِ ، ٻيو هوٽل ۾ تہ عمر گري وينديءِ." پاڻس ٽوڪ طور چيس.

ڪورچاگن ٻہ سال هوٽل ۾ ڪم ڪيو . هاڻي پگهار وڌي ڏهہ روپيا ٿيو . سڀ سندس ڪم مان خوش هئا ۽ پهرئين ڏيهن اعلان سبب ڪنهن کي بہ ڪڏهن مٿس غلط رعب وهارڻ جي همت ڪانہ ٿي.۽ انهي خاص سبب اهو هو ،تہ هن نہ ڪڏهن پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي هئي.

مگر هوٽل جي زندگي ۾ ڪن ڳالهين طرف هن جو توجهه ڇڪيو ، هوٽل جي بيرن کي سيني ماڻهن ڪان بخشش ملندي هئي ، رات جو هو سڀ اچي بورچيخاني جي گودام ۾ گڏ ٿيندا هئا ۽ شراب پئندا هئا . ڪورچاگن سندن نوٽن جا ڍير ڏسي هڪ جوشيليءَ سوچ ۾ اچي ويندو هو ،هر هڪ کي روزانو ٽيهه چاليهه روپيه ملندا هئا ،يعني سراسري طورهزار روپيه مهينو. هو خوش ۾ اچي چوندو هو: " آءُ هيڏيءَ سخت محنت سان ڪم ڪريان ٿو ته به مونکي ڏهه روپيا مهينو ملي ٿو۽ منهنجو ياءُ پهرين نمبر جو مستري آهي ته به ان کي فقط 48 روپيا مهينو ٿو ڪمائي ، پر هي بخشش جي نالي ۾ سڄا سارا هزار روپيا مهينو ڪمائين ."..........۽ جڏهن اهو خيال هڪڙي ٻئي همدرد ، ۽ وڏي عمر واري ملازم سان ظاهر ڪيا ،ته هو کلي پيو ۽ چيائين: "تون سمجهين ٿو ته هي رڳو اترا پئسا ڪامائين ٿا ؟"هن حيران ٿي چيو"بيوچا".

منهنجا ننڍڙا دوست ! هوٽل ۾ جيڪي به نوڪرياڻيون آهن سي هي رات رهندڙ گراهڪن وٽ پهچائين ٿا ، انهن ڪافي پيسا حاصل ڪري ، پوءِ اڌ ڪان به گهٽان پاڻ هضم ڪن ٿا !."

"اف" ڪورچاگن جي مٺي کي چڪر اچي ويو، ٿوري دير بعد هن پاڻ کي سنڀالي پڇيو" يلا اڌ ڇو؟ جسم ته هنن وڪيو ، هي هي اڌ پئسا ڇو ٿا وٺن."

"اڙي اڌ ته آءُ ٿو چوان،هو ته اڪثر انهي ڪان به گهٽو ٿا حاصل ڪن ۽ جيڪا به ڇوڪري انهي چون چران ٿي ڪري ، ان تي مختلف الزام لڳائي ، ڪين نوڪريءَ ڪان به ڪڍائي ڇڏين ٿا____ ڇا تو هنن جا ڇوڪرا نه ڏٺا آهن ،جي ڪاليجن ۾ پڙهن ٿا ۽ اعلىٰ درجي جا سوٽ پائي ڪڏهن ڪڏهن هتي به ايندا آهن؟ ڇا تو هنن جون عمدا سينگار ڪيل ۽ موتيون متاريون زالون نه ڏٺيون آهن ، جي به ڪڏهن ڪڏهن گهمندي ڦرندي اچي هتي نڪرنديون آهن؟."

"مگر ........ سڪر" ڪورچاگن هبڪندي چيو " يلا هوٽل جو مالڪ اهڙي بي شرمي ڪيئن ٿو گوارا ڪري ؟"

ٺهڪ ڏيئي نوڪر چيو" جو ان کي به حصو ملي ٿو، اگرچه اهو ٿورو ٿئي ٿو ،پر تڏهن به گهٽين عورتن جي ڪمائيءَ مان ٿورو ٿورو حصو گڏجي گهٽو ٿي پوي ٿو."

افسوس ۽ اندوه مان ڪورچاگن چيو: ؟" پر هي نوڪرياڻيو شرافت کي ڇڏي اهڙو ذليل ڌندو ڪئين ٿيون ڪن ؟"

نوڪر .... انهي جا ڪافي سبب آهن ،هڪ ته جڏهن هو ڏسن ٿيون ، ته شرافت ۽ پگهر جي پورهئي مان ڪمائين ٿيون ٻه روپيه روزانو مس ، ۽ هن طرح روزانوٽيهه چاليهه ، بلڪ سو تائين به ملي وڃن ٿا، ته هو ترڪيو ان ڪُن ۾ ڪري پون ٿيون .۽ اها درحقيقت هو هن هلندڙ نظام جي منهن تي چڙ مان زبردست چماٽ ٿو لڳائين ، جو ڪين شرافت مان ته ٻه ٽي روپيه ٿو عطا ڪري ۽ رذالت مان ان ڪان ڏهوڻو _____مگر........مگر منهنجا ننڍڙا دوست ! انهي هوندي به دنيا شريفن ڪان خالي ناهي ،توکي "فروسيا" ياد آهي ڪ نه ؟"

" اڙي ها ها ؟ "غمگين ٿي هن چيو "ويچاري هوءَ سڀاجهڙي ڇوڪري ،مون تي پهرين ڏينهن ڪان وٺي مهربان هئي . مگر خبر ناهي ، ته هو اوچتو ئي اوچتو ڇاجي ڪري نوڪري ڇڏي ويئي . هن جي نوڪري ڇڏڻ واري ڏينهن منهنجو وارو ڪونه هو، ان ڪري مون کي هن سان آخري ملاقات به نصيب ڪانه ٿي ."

سا ڳيءَ طرح غمگيني مان هن جواب ڏنو "دوست ! هن نوڪري ڇڏي ڪانه هئي ، مگر پڇي ويئي ،۽ اهڙي طرح پڳي جو غريب جو اڌ مهني جو پگهار به رهجي ويو . اسان اسان جي مالڪن ائين مشهور ڪيو ته هوءَ نوڪري ڇڏي ويئي ، مگر حقيقت اها آهي ته هن کي انهي رات مجبور ڪيو ويو، ته وڃي هڪ مسافر سان گڏ گزار، چاڪاڻ ته ٻي ڪابه واندي ڪانه هئي . هن انڪار ڪيو ، تڏهن ڪيس سمجهائڻ لڳا ته " سارو مهينو سور چرڻ بعد توکي پنجهاه روپيه ٿا ملن ۽اڄ هڪڙيءَ رات پنجها ه ملندءِ."

مگر هن "پلي بڪ پرم جي " ڪي قبول ڪري انڪار ڪيو . تڏهن آخر اگهه وڌائي وڌائي سو تائين آندائون ، مگر انهي تان بہ هن انڪار ڪرڻ سبب هنن بدماشن ، هنن رهزنن ، سندس ٻوٽ ٻڌي ، زوري گهلي ڪٽي مسافر جي ڪوٺي ۾ ڌڪيو .اتي پهچي هن نهايت دردناڪ اوچنگارن سان مسافر سان سمورا حال اوريو . مگر مسافر صاحب سڃا سارا ٿي سو روپيا اڳواٽ ڏيئي ڇڏيا هئا. سو پنهنجي رقم ڪيئن ٿو "حرام " ڪري سگهي ؟ ۽ جڏهن تہ هن کي روڪيندڙ ڪوبہ ڪونہ هو .بلڪ هوٽل هر در ۽ ديوار سندس پشتيبان هو، ان ڪري هن ساڻس زبردستي شروع ڪئي .

هي ڏسي فروسيا جوهوشسندس جوش تي غالب آيو ،هُن انهي بدمعاشيءَ جي مقابلي ۾ مڪاري ڪان ڪم ورتو ، يڪدم پنهنجي حالت ڪي درست ڪري مسافر جي آڏ مجائين ۽ پوءِ...... وجهه وني سندس نازڪ عضون تي اهڙو تہ ڌڪ هنيائين ،جو هو بيهوش ٿي ويو. هن سندس ٻوٽ ٻڌو پنهنجا ڪپڙا ناهي ، اهڙيءَ ائڪٽنگ سان ٻاهر نڪتي ، جو ڄڻ تہ مسافر کي راضي ڪري نڪتي آهي .

ظاهر هو تہ ان ڪان پوءِ هن لاءِ هوٽل تہ ڇا ، پر شهر ۾،بلڪ هن ضلعيءِ ۾ئي رهڻ محال هو ، انڪري الائجي ڪاڏي ڀڄي ويئي ۽ هنن رهزنن لاچار ٿي ائين مشهور ڪيو تہ هوءَ نوڪري ڇڏي ويئي آهي.

" آه سڀاجهڙي فروسيا " ڪورچاگن هڪ درد ڀري آواز سان ائين چيو ، هن جي اچانگار نڪري ويئي ۽اکين مان آب وهڻ لڳس.

## 4

ڪجهه دير بعد ڪورچاگن سامت ۾ آيو ۽ چيائين "پلا هوٽل جا مالڪ ايڏو قهر ڪيئن ٿا برداشت ڪن ؟" "هن ڪري جو هو بہ مجبور آهن "هن نهايت سنجيدگي سان جواب ڏنو.

"مجبور" ڪورچاگن رڙ ڪري چيو " ڪهڙي ڳالهہ تي هنن کي مجبور ڪري؟."

"تون اڃان ننڍو آهين ۽ توکي نہ ڪا دنيا جي خبر آهي نڪي تون اڃان اهي ڳالهيون سمجهي سگهندين . مگر ڳالهہ اها آهي ، تہ ائين ڪرڻ بنا هوٽل هلي نٿي سگهي ." هن وري سنجيدگي مان چيو.

" هلي ڇو نہ سگهندي ؟ ڇا هنن کي ڪاڌي پيتي ۽ ڪمرن جي ڪرايي مان هوٽل هلي ڪانہ سگهندي ؟" ڪورچاگن جوش مان چيو .

" جيءَ نہ جيڪڏهن عيش عشرتون نہ هونديون نہ ڪي هيترا ما ٺهون ايندانڪي ڪاٿو هلندو، نڪي ڪمرا ڀريل رهندا ."

" پوءِ ڇا ٿيو ، ڪٽي ٿوري ڪمائي قبول ڪن."

بس اهائي تہ ڳالهہ آهي، جا هو ڪري نٿا سگهن .ڇاڪاڻ تہ خود مالڪن جا بہ وڏا خرچ آهن ۽ انهن وڏن خرچن جون عادتون پيل آهن .ازان سواءِ اسان جي معاشري جو چرخو اهڙو پيو هلي ،جو هر شخص گهٽي ۾ گهٽا پئسا ڪمائڻ جي فڪر ۾ رهي ٿو .ڇا ڪاڻ تہ ڪا خبر نہ آهي ، تہ سڀاڻي ڪهڙو وقت اچي الائجي ڪو بيمار ٿئي الائجي ڪو اچتوحادثو ٿئي الائجي ڪو اچتو موت اچي وڃي ،تہ پوين جي ڪهڙي حالت ٿئي.

هي ٻڌي ڪورچاگن جي وات مان بي اختيار اکر نڪري ويا "تہ پوءِ چڱان مڙس گڏجي ڪري ڪو اهڙو چرخو نٿا ناهين ، جنهن ڪري هڙي گندي زندگيءَ بدران سڀ سک جي زندگي گزارين؟"

ٻڌندڙ بي اختيار ٽهڪ ڏيئي چيو " جيڪي اکر تو چيا تن لاءِ سزا آهي جيل!."

"جيل" ڪورچاگن وائڙو ٿي چيو " مون ڪهڙي ٻلي ماري آهي جو مونکي جيل ملي ! سکيءَ ۽ شريفانہ حياتي گزارڻ جي تمنا ڪرڻ بہ ڪو ڏوهہ آهي؟"

سڀڳيءَ طرح ڪلي هن جواب ڏنو”جي ها انهي ڏوهه جو نالو آهي “بغاوت”...اسا ن جي بادشاه سان بغاوت ... ۽ اسان جي مذهب سان بغاوت ........ بلڪ اسان جي خدا سان بغاوت !“

ڪورچاڳن تنهائي وڏيڪ وائڙپ سان چيو ” مگر صاحب ! انهيءَ ۾شهنشاهه مذهب ،بلڪ خدا سان الائجي ڪهڙي بغاوت ڪئي!“

“بغاوت اها تہ اسان مذهبي ڪتاب ۾ فرمايل آهي تہ “خدا تعاليٰ جنهن کي چاهي تنهن کي بادشاهي ڏئي ،جنهن کي پٽيس تہ غريبي ڏئي ،جنهن کي وٽيس عزت ڏئي ، جنهن کي وٽيس تنهن کي ذلت ڏئي .جنهن کي وٽيس تنهن کي سنئين وات تي هلائي، جنهن کي وٽيس تہ گمراه ڪري .“ هاڻي تون چوين ٿو تہ ” چڱن مڙسن کي گهرجي تہ پاڻ ۾ گڏجي ڪا اهڙي صلاح ڪين ،جئن سڀ ماڻهون سکي ۽ شرافت جي زندگي گزاري سگهن .“ انهي جي معنيٰ تہ اهي ماڻهون خدائي ارادن ۽ نظام سان بغاوت ٿا ڪن.اسان جي ڪتابن موجب اسان جو بادشاهه “ خدا جو چاچو ” آهي ، پوءِ خدا جي پاڇي هوندي پلا ٻيا ماڻهون پنهنجو صلاحون ڪن ؟ انهي جي معنيٰ تہ هو بادشاهه جي عظمت کي ڪونہ ٿا مڃين !“

ڪورچاڳن جو دماغ نهايت وائڙو ٿيڻ لڳو ۽ هو چوڻ لڳو ” پلا هو ڪيئنئن ٿي سگهي ٿو، جو مذهب اسان غريبن جي دکن لاهڻ لاءِ ڪوبہ رستو نہ گهڙيندو هجي؟“

دوست جواب ڏنس “اسان جي مزهب جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ” آسمان جي بادشاهت غريبن لاءِ آهي “ يعني دنيا جي بادشاهت هنن جي لائي ناهي ،۽ هي تہ غريب شاهوڪارن کان چاليهہ سال اڳ بهشت ۾ “ويندا هي دنيا تہ ڪيل ۽ راند آهي ،هن ۾ تہ انسان کي پنجاهہ سو ورهيہ رهڻو آهي ، اصل دنيا تہ اها آهي، جنهن ۾ انسان کي ڪروڙين اربين ورهيہ رهڻو آهي ، ان ڪري ئي دنيا ۾ سک ملڻ جي اون رکوءِ هتي جا چار ڏينهن ڏکيا سکيا گذاري وجو .“

ڪورچاڳن ...... پوءِ تنهنڪري اسين سڀ پل تہ سور ڪائيندا وتون؟

نوڪر ..... يا تہ صبر سان سور سهو يا، ڳن جي خلاف ڳالهائي جيل ڪائو.

ڪورچاڳن _ مگر مون ڪڏهن اهڙا مانهون ڪونہ ڏٺا آهن جي انهي طرح ڳالهائڻ تان جيل ڪائيندا هجن.

نوڪر (ڪلي ) جيڪڏهن تنهنجي مغز ۾ اهڙا خيال اچڻ شروع ٿيا آهن ،نيٺ وجي اهڙن ماڻهن تائين بہ پهچندين ، جي اڄ بہ اهڙين ڳالهين سان جيل پريا پيا آهن ،ڪلهہ بہ پيا ڪائيندا ۽ (شوڪارو پري) خبر ناهي ڪيستائين ڪائيدا رهندا .( چرڪ پري ) چڱو يار ،هاڻ ڪم ڪر ۽ ڪم ڪرڻ ڏي ، متان ڪائون نہ موچڙا !

هنن جي گفتگو تہ بند ٿي ويئي پر ڪورچاڳن جي دماغ مان اهي خيال ڪونہ نڪتا .

## 5

جنوريءَ جا ڏينهن هوا،سيءَ جو چڻ تہ پارو ڪري پيو هو، هڪڙي ڏينهن 7بجي مهل ڪورچاڳن پنهنجو وارو ختم ڪري چڪو هو،پر اجان سندس جاءِ ڪم ڪندڙ چوڪرو ڪونہ آيو هو ، مالڪياڻيءَ وٽ ويو ،۽ٻڌايائينس تہ آءُ گهر ويندس ، مگر مالڪياڻي هر گز اجازت نہ ڏني .۽ ڳالهہ ڪا نئين ڪانہ هئي جيستائين ٻيو واري وارو نہ اچي ، هن اڳيئن کي ئي ڪم ڪرڻو پوندو هو، چاهي ٻيا بہ 24ڪلاڪ چو نہ گزري وجن .

ڪورچاڳن بہ سارو ڏينهن ۽ رات جو 11 بجي تائين ڪم ڪندو رهيو هن جا عضوا چو چور ٿي چڪا هئا ،پر انهي حالت ۾ بہ هن پاڻي گرم ڪرڻ جو برتن نل جي هيٺان رکيو، چاڪاڻ تہ هو پري وري ٿڪائيڻو هو ،تہ ٿي بجي مهل اندڙڳاڏيءَ جي مسافرن کي منهن ڏيئي سگهجي .

برتن نل هينان رکي ،هو پر م رکيل ڪانين جي ڍير تي وينو ، پر نل مان پاڻي اچڻ بجاءِ غرغر ۽ شون شون جا آواز لڳا ڪورچاگن سمجهيو تہ نل ۾ ڪو خرابو آهي ،ٿوري دير ۾ پاڻي اچي ويندو ، ايئي ڪانين جي ڍيرمٿي ليٽي پيو

انسان جي ننڊ بہ هڪ عجب غريب چيز آهي جيڪڏهن اها هلڪي ۽ ڪچي هوندي آهي ،تہ نرم بسترن کان سواءِ نہ ايندي آهي،پر جڏهن جسم ڪم ڪرڻ کان صفا نابري وارينديو آهي ،تڏهن تہ هوءَ سوري مٿي بہ اچي ويندي آهي.سو باوجود انهي جي جو ڪورچاگن ڪانين جي ڍير تي ليٽيل هو ، پر ننڊ اهڙي تہ ڪٽي ويس جو نل ۾ پاڻي آيو ۽ برتن پرجڻ لڳو تہ بہ هن کي ڪا سماءُ ڪانہ پيئي.

برتن پرجي ويو ۽ پاڻي زمين تي هارجڻ لڳو ،رڌڻي جو فرش پرجي وجڻ بعد هو پلٽيو دروازي جي هينان وهي وجي هوٽل ۾ پهتو ، جهوٽا کائيدڙ مسافرن جي ٽيلهن ۽ ڳنڙين هينان گڏ ٿيڻ لڳو، پرڪنهن بہ خيال ڪونہ ڪيو ، پر هڪ ستل پاڻي پهچڻ تي رڙ ڪري جاڳي پيو ، انهي تي بيا مسافر بہ سجاڳ ٿي ويا ۽ هڪ هنگامو مچي ويو.سيني کان وڏو بيرو ، پروخوشڪا ،جو وڏو رهزن ۽ وڏو ڪمائنيدڙ هو.سو ٻئي هال ۾ ميز صفا ڪري رهيو هو ، هي هنگامو ٻڌي هو اندر آيو ۽ رڌڻي جو دروازو کولي بنا ڪنهن سوچ جو ڪورچاگن تي ٽٽي پيو .

ڪورچاگن کي اجان گهري ننڊ هئي ، هن لڳو لڳ 36ڪلاڪ ڪم ڪيو هو پر پرخوشڪا مٿس ٺونشن لتن ۽ مڪن جي اهڙي تہ وارون وار ڪئي ، جو هن ٻي ڪا بہ سماءُ نٽي پئي ،رڳو اکين اڳيان وج جا چمڪاٽ ۽ ساري جسم ۾ سور جون سوٽون محسوس ٿيس ۽ پروخوشڪا جا هٿ جڏهن ٿڪجي پيا تڏهن هن گهلي ڪٽي ٻاهر اڇلايس.

ڪجهہ دير تہ هو ٻاهر پيو هو ،پر پوءِ رڙهندو رڙهندو گهر پهتو ، ۽ هڪ زوردار رڙ ڪري ڪري پيو .ماٽس ۽ پاڻس ٻنهي اچي دروازو کوليو هو اڳي بہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿي ويندو هو . پر 36ڪلاڪ لڳو لڳ ڪم ڪندڙ ابهم چوڪري جي هي حالت ڏسي آرتيم جو رت ٽهڪڻ لڳو ، هن جي هوش ۾ اچڻ تي هن ڪانئيس ڪيس ماريندڙ جو نالو پڇيو ۽ نالي ٻڌڻ شرط هو باهہ ٿي هوٽل ڏي روانو ٿيو.

هوٽل جي رڌڻي ۾ پهچي هن ڪم ڪندڙ چوڪريءَ کا پڇيو "پروخوشڪا ڪٿي آهي،" هن جواب ڏنس "اجهو اچي ٿو " هو پيٽ سان لڳي بيهي رهيو،ٿوري دير ۾ پروخوشڪا ٽانون جو انبار ڪٽي آيو ۽ ٽڏي سان دروازو کولي اندر گهڙيو ، چوڪريءَ آرتيم کي ٻڌايو تہ "اهو اٿئي ".

پروخوشڪا اجان برتن زمين تي مس رکيا ،تہ آرتيم وڏي ڪلهي کان پڪڙي زودار آواز ۾ چيس " منهنجي 36ڪلاڪ ڪم ڪندڙ ابهم ڀاءُ تو ماريو هو ؟"

پروخوشڪا گهبرائجي ڪلهي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ،پر آرتيم جي هڪ ئي ٺونشي سان هو زمين تي ڪري پيو ۽ اجان اٿڻ جي ڪوشش مس ڪيائين تہ اهڙيءَ تہ زوردارلٽ واجٽ ڪيس ،جو خوفناڪ ڙر ڪري سڄي هوٽل کي گجا ئي ڪنيائين ،پرآرتيم سندس ڇهري تي چار پنج زوردارٺونشا هٽي ، ڦڙتي سان دروازي کان ٻاهر نڪري ويو. پروخوشڪا جي منهن ۽نڪ مان رت نيندڀون ڪري وهڻ لڳو ،هن جي خوفناڪ رڙين زمين آسمان هڪ ڪري ڏنو.

اڻ واقف مسافر کي تہ هن جي حالت ڏسي ڏک پئي ٿيو، پر سمورن نوڪرن کي ڏاڍي خوشي پئي محسوس ٿي، هن جن بہ مجبورن کي ماريو هو ،تن جي دل جي تمنائون پئي اٿيون تہ " ڪاش اسان جو بہ ڪو اهڙو وارث هجي ، جوهن بدمعاش کي هن طرح سيڪت ڏي"

مالڪ جي رپورٽ تي يڪدم پوليس اچي ويئي ۽ هي ڏسي خود پروخوشڪا جو وايون ئي ٻتال ٿي ويون ،تہ هڪڙي بہ نوڪر آرتيم خلاف شاهدي ڪانہ ڏني ،هر ڪو ائين چوڻ لڳوتہ آءُ رڙين تي ڊوڙي آيس ،پر مون ماريندڙ کي ڪونہ ڏٺو ، اتري قدر جو بہ نوڪر تہ ائين چوڻ لڳا تہ سمجهيوتا تہ هن کي ڪنهن ڪونہ مايو آهي ،ڏڪو آيو اٿس ،خود واري واريءَ چوڪريءَ چيو آءُ ان مهل ڪاڪوس ۾ هيس.

پروخوشڪا يڪدم سو جو نوٽ ڪڍي پوليس کي ڏنو ،پوليس آرتيم جي ڪارخاني پهتي ،۽ آرتيم گرفتار ٿيو ،۽ نهايت ٺهڪ ڏيندي پنهنجي دوستن کان ٻارهن مهينن لاءِ موڪلايو.مگر ڇهن ئي ڏينهن اندر پوليس ڪيس ڇڏي ڏنو.ڇاڪاڻ ته ڇهه ڏينهن لڳو لڳ ڪوششون ڪندي ،هر طرح جو لالچون ڏيندي به هوٽل جي نوڪرن مان هڪڙو به پروخوشڪا جي پاران شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيو.ائين پئي محسوس ٿيو جو جڻ ته ڪنهن هڪ شخص سيني نوڪرن جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏئي ڇڏي آهي ،ته اڄ هن کي خوب ذليل ڪيو ،ته آئيندا هن کي به ڪنهن کي ذليل ڪرڻ جي همت نه ٿئي. پروخوشڪا پوليس ٺاڻي تي ڪافي نوٽ وڃايا ،پر ڇهن ڏينهن کان وڌيڪ هو به آرتيم کي رک نه پئي سگهيا ۽ هو کلندو ٺهڪ ڏيندو اچي گهر پهتو،۽ ڪورچاگن کي ڀاڪر پائي چيائين "ڪيئن پاپا!هاڻي ته خوش ٿئين نه ؟" بي اختيارهن ڪيس چمي ڏيو " مگر پاپا !تنهنجي ڇهن ڏينهن جي جدائي ؟" "اهوه انهي جي ڪا به پرواهه نه آهي ، منهنجو اهو ڇهن ڏينهن جو جو جيل پروخوشڪا کي ڇهه ورهين پيو سبق ڏيندو.ڪنهن ملڪ جي حڪومت جڏهن عوام جي حقن جي حفاظت ڪرڻ کان قاصرهجي ،تڏهن عوام تي فرض آهي ، ته هو پنهنجا حق پاڻ حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ سندن حق ڪرڻ جو سلسلو وڌي ضرور انهي منزل تي پهچندو ،جو سندن حاڪمن بلڪ بادشاهن کي هٽائي اها مسند پاڻ والاريندا."

" چپ چپ ! بادشاه جو نالو نه وٺ .اسان جو زار خدا جو پاڇو آهي ! هن جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ تان خدا پاڪ سخت ناراض ٿيندو ."ماڻس ڏڪندي چيو .

وڏو ٺهڪ ڏيئي ارتيم چيو " امان ! هو خدا جو نه بلڪ شيطان جو پاڇو آهي۽ اهي ڏينهن پري نه آهن جو هاڻي اهو پاڇو هميشه لاءِ اسان جي ملڪ تان هٽي ويندو .پاپا ڪورچاگن! تو ڪوبه فڪر نه ڪج ، مون تو لاءِ بجليءَ جي ڪاخاني ۾ نوڪري هٿ ڪئي ڪري ڇڏي آهي ۽ ان ڏيهن هي حادثو نه ٿي ها ، ته صبح جو آءُ پاڻ توکي استعفا ڏياران ها ، پر خير پروخوشڪا کي قدرت کي اها سزا ڏيا رڻي هئي، تنهنجي ۽ منهنجي قربانيءَ ڳڏجي ڪيترن ئي بيڪس نوڪرن تان ظلم لاهي ڇڏيو."

## 6

آڪٽوبر1917ع ۾ هيءَ اهم ۽ زبردست خبر ،اچتو واچوڙي وانگر سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي، ته "زار جو تختو اونڌو ڪيو ويو آهي." مگر شهر جي رهاڪن هن خبر تي يقين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.هنن جي خيال موجب ڀلا خدا جي پاڇي کي ڪير ٿو هٿ لائي سگهي ؟ جنهن شهنشاه تي سون ولين جي ڇانو هجي ، هزارين ملائڪ سندس مدد ۾ هجن ،هو دين جو دلاور دربان هجي ،ان کي ڪير ٿو هٽائي سگهي ؟ اها اڻ ٿيڻي آهي.

پر برف جي طوفان وچ ۾ هڪ ڏينهن هڪ ريل گاڏي رڙهندي رڙهندي اچي اسٽيشن تي پهتي،هن مان به نوجوان ڪاليجي ، ملٽري ڊريس ڊڪيل لٿا ،جن جي پنيان ڳاڙهن بلن وارا ڪافي ڏيرا سپاهي هوا . لهڻ شرط هنن وڏي اسٽيشن تي بينل پوليس وارن ، بيدي ڪرنل ۽شهر سنپالينڊڙ فوج جي سالار گرفتار ڪري ورتو ميونسپل هال تي اهڙو بلند لال جهنڊو لڳايو .جنهن کي ڪجهه عرصو اڳ " شيطاني جهنڊو"سڏيو ويندو هو.ان وقت ماڻهن سڀ کان اول"آزادي " "برابري "" برادري " ۽"بالشويڪ " لفظ ٻڌا ۽ عوامي جڳهن تي اکر لکيل ڏٺا ته:

"عوام جي حڪومت ،
عوام جي مرضي مطابق ،
عوام جي ڀلي خاطر ."

مگر ترت ٻيا سپاهي اچي ويا ،جن پهرين سپاهين مان ڪن کي ماريو ، ڪن کي ڀڄايو . ماڻهن جي ڪنن ۾ وري "منشويڪ " جو اکر پهچڻ لڳو ،هي سپاهي پهرين وانگر ڏيرا ڪونه هوا ، نڪي سندن اڳواڻ ڪاليجي شاگرد هوا .

شهر جا ڪجھ شاهوڪر ڀڄي ويا هوا ، سي وري واپس اچي ويا ، شهر ۾ ظاهر ۾ ڪجھ امن امان ماڻهن کي ڪجھ "منشويڪن " ۽ "بالشويڪن "جي معنيٰ جي گهٽي خبر ڪانہ پيئي ، پر اهو تہ سيني کان پئي ٻڌائون،تہ زار جي صاحبي بهرحال ختم ٿي ويئي .

هي نوان سپاهي متارا ۽طاقت ور هئا ،سندن منهنمان صاف پئي معلوم ٿيو ،تہ ڪين سنو ڪاڏو مليل آهي ،سندس آفيسر وڏا امير ۽ شهزادا هئا. هنن جي اچڻ بعد ائين ٿي معلوم ٿيڻ لڳو ، تہ ڇڻ ڪو انقلاب آيو ئي ڪونہ آهي .

مگر نومبر 1917ع ۾ حالتن ۾وري ڪجھ ڦيرو آيو اسٽيشن تہ نئين قسم جا ماڻهون ڏسڻ ۾ پئي آيا ، جن مان گهٽي قدر جنگ جي مورچن مان ڀڄي آيل سپاهي هئا ،۽سندن تعداد روز بروز وڌندو پئي ويو ، اهي سپاهي هنن پهرين آيل ڏٻرن سپاهين ما ن ،جن جن کي "بالشويڪ "سڏيو ويو ٿي .

منشويڪ ،جيڪي شهر تي هينئر قابض هوا ،سي بالشويڪ سپاهين ۽ ٻين ماڻهن کي پڪڙڻ لڳا پر اڳتي هلي بالشويڪن جو تعداد وڌندو ويو ۽ هو گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ منشويڪن سان وڙهڻ لڳا .ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ هنن کي موت جي ڪا پرواه ئي ڪا نہ هئي .هو انهي اسٽيشن تي لهندا ئي ڪونہ هئا ،پر فقط هي پئي چاهيائون ، تہ ڪين اڳتي وڃڻ ڏنو وڃي .

هڪڙي ڏينهن منشويڪن کي خبر ملي تہ ايندڙ گاڏيءَ ۾ گهڻا ئي بالشويڪ سپاهي اچي رهيا آهن ، ان ڪري هنن جو وڏو جٿو ڪين رڪڻ لاءِ اسٽيشن تي ويو ، پر ايندڙ سپاهين مشين گنن سان سندن سينا پروڻ ڪري ڇڏيا ۽ پوءِ اهي اڳتي هليا ويا . هاڻي شهر وارا مقابلي کان ڪيٻائڻ لڳا ۽ نتيجو اهو نڪتو ، ڪتريون ئي ريل گاڏيون بنا ڪنهن مقابلي جي اڳتي وڌي ويون ، ڪي هيڪڙ ٻيڪڙ بالشويڪ اسٽيشن تي لهندا هئا ، پر الائجي ڪاڏي گم ٿي ويندا هوا.

ڪورچاگن ۽ سندس جهڙا ٻيا پگهاردار حيرانيءَ مان اهو تماشو پيا ڏسندا هوا ،هو تہ ساڳيءَ طرح مالڪن وٽ پورهيو ڪندا هئا ، زار ويو تہ ڇا، بالشويڪ آيا تہ ڇا ، جي منشويڪ آيا تہ ڇا ، مگر هڪ ڏيهن ائين بہ ٿيو، جو اول تہ شهر ۾نڪي بالشويڪ هئا ، نڪي منشويڪ اچتو بالشويڪ آيا ، مگر ٻن ڇئن ڏينهن اندر ويهارو هزار رائفلن تي قبضو ڪري ، اهي وري عوام ۾ ورهائي ڇڏيائون ۽ پاڻ هليا ويا.

شهر ۾ڪجھ افراتفري هئي ڪجھ بيماري ، ڪجھ لڏپلاڻ ،انهي ڪري نوڪرين جون ڪي جايون پئي خالي ٿيون ۽ آخر ڪار ڪورچاگن کي بجليءَ جي ڪرخاني ۾ چڱي نوڪري ملي ويئي .

بجلي جي ڪارخاني جو مستري ."يوخرائي" هو، هن ڪورچاگن کي نهايت محبت ڀرين نظرن سان ڏٺو ۽ ڪم وٺڻ لڳس ، جيئن ڄڻ تہ ننڍو ڀاءُ هجي.

هن کي جڏهن اها خبر پئي ،تہ هي ڇوڪرو پنهنجي حقن جي حفاظت خاطر پاڻ کان وڏن سان وڙهي پوندو آهي تڏهن ڪيس وڌيڪ وڻيو ۽ باقائده بهادري جي ٽريننگ ڏيڻ لڳيس، هو پاڻ بہ بهادر هوڪيس بهادرن سان پيار هو ، انهيءَ سان گڏو گڏ فرصت جي وقت ۾ هو سياسي ڳالهيون ڪندو هو .

هڪڙي ڏيهن ڪورچاگن هن کان پڇيو " استاد هي اسن جي ملڪ ۾ ڇا ٿي ريو آهي ؟ڇون ٿا تہ بادشاه زار ساصب کي تخت تان لاٿو ويو آهي۽ پوءِ هڪڙا پيا" بالشويڪ " اچن ،وري ٻيا " منشويڪ " اچن ، ۽ وري اهي افواه پيا اٿن تہ جرمن بہ اچڻا آهن ۽ آخر اهو آهي ڇا؟."

## 7

يوخرائي مرڪي جواب ڏنوس، تہ هن ملڪ جي بادشاه کي "زار" سڏبو هو ۽هو ڪنئين پيڙهين کان بادشاه هو مگر هو آپيشاهي هلائيندو هو.رعيت جي ڏکن سکن جي ڪابہ خبر ڪانہ رکندو هو .سندس ڪامورا ۽ وڏا زميندارغريبن کي ستائيدا پيا هئا،ان ڪري وقت بوقت غريب پيا بغاتون ڪندا هوا.

هن صدي جي شروع ۾ هو پنهنجي ملڪ وڌائڻ خاطر ،سندس ايرندي ڇيڙي جي ڀر واري جپان نالي ملڪ سان وڙيو،۽ هارايائين .جنهن ڪري ڪجھ ڪمزوري اچڻ تي 1905ع ڌاري عوام ڪافي

بغاوتون ڪيون هنن باقاعده جماعت ناهي ، جنهن جو نالو رکيائون " بالشويڪ "يعني گهٽائيءَ وارا ،جو ته هن ۾ غريب ۽ مزدور عوام شامل هو ، جي ملڪ ۾ تمام گهڻا آهن.

انهن جي مقابلي ۾ اميرن، زميندارن ،۽ سينين به هڪ جماعت ناهي ،جنهن جو نالو ٿيو "منشويڪ "يعني ٿورائي واري.

درحقيقت اها بالشويڪن جي جمائت ڏار ڏار هنڌن تي سو سالن کان هارين ۽ مزدورن جي حقن جي خاطر چڪريون ڪائي رهي هئي ۽ پنجهاهي ورهين جي ڪوشش بعد ڪجهه هاصل نه ڪيائون ،پر انهي ڪوشش بعد هنن وڏيون قربانيون ڏنيون هيون . مگر هو قربانين بعد اهڙو هري ويا ،جو اڳتي هلندا رهيا . ڪين نڪي لنيون روڪي سگهيون نه جيل نه ڪارو پاڻي نه ڦاسيون .

هن هلندڙ صديءَ جي شروعات ۾ سندن اڳواڻ "لينن" نالي هڪ بئرسٽر هو . جنهن لنڊن مان اخبار "اسڪرا " (چنگاريا جنگ) ڪڍي ۽ پوءِ جماعت منظم ڪري ،ان جو بنياد لنڊن ۾ وڌائين ۾ ،چا ڪاڻ ته زار جي حڪومت ۾ ائين ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو .

بالشويڪن پنهنجون پئنچاتون ناهيون جن کي" سوويت "سڏيندا هئا ۽ هنن زوردار نموني ۾ اهي گهرون ڪيون ،مزدورن ۽ هارين کي وڏا حق ڏنا وجن ۽ آپيشاهي نه هلائي وجي،آخرگهٽي رتوڇاڻ بعد زار به ڪجهه مڙيوعوام کي پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ لاءِ ميمبريون ڏنائين جنهن کي "ڊوما" سڏيو ويندو هو .

پر پنج سال اڳ وري ملڪ ۾ هڪ تمام وڏي جنگ لڳي ، اول ته اها آسٽريا ۽ هنگري جي ملڪن وچ ۾ هئي پر پوءِ سڄي دنيا جا ملڪ انهن جا طرفدار بنجي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ، چاڪاڻ ته هر ڪنهن کي اها اميد هئي آءُ ان طرح وڌيڪ ملڪ هٿ ڪندس .

اسان ملڪ جو بادشاه زار هڪ طرف هو ۽ جرمنيءَ جو بادشاه ٻئي طرف . ان ڪري هو هڪ ٻين تي به حملا ڪرڻ لڳا .هڪ طرف ته زار صاحب وري به ڊوما جي صلاح ڌاران آپيشاهيون ڪرڻ لڳو،تنهنڪري انتظام کي به سنڀالي نٿي سگهيو .۽ فوج کي سامان به ٺيڪ نه ملي سگهيو .ٻئي طرف بالشويڪ به سپاهين ۾ اهڙو پرچار ڪرڻ لڳا ،ته ڀلا اسين چو وڙهون ؟ آخر اسان کي ڪهڙو ضرورپيو آهي . جنگ ڪرڻ جو ؟ سپاهي اڳيئي بد دل هئا سي ڀڄڻ لڳا ۽ افراتفري مچي ويئي .

انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو ملڪ ۾ به بک ۽ بيروزگاري وڌي ويئي ڀڳل سپاهين عوام کي ڀڙڪايو ۽ ماڻهون هر هنڌ بغاوت ڪرڻ لڳا .جيئن پوليس ۽ فوج تي ڪين دبايو ،تيئن هووڌيڪ تي چڙيا .

آخر 27 فيبروري 1917۾ زار کي سندن عزيزن سميت قيد ڪيو ويو ، ۽ حڪومت "ڪرنسڪي" نالي هڪ فوجي آفيسر ورتي .ملڪ ۾ ڪجهه ٺاپر ٿي ، قيدي آزاد ڪيا ويا ، جاماعتن تان بندشون لٿيون،،۽ 16 اپريل 1917جو بالويشڪن جي اڳواڻ "لينن " به واپس وطن وريو .

مگر ڪرنسڪي ملڪ کي ٺيڪ سنڀالي نه سگهيو ، انڪري بالويشڪن جماعت زور ٿيندي ويئي ۽25 آڪتوبر تي وري حڪومت جو واڳون ونڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا .پر ڪرنسڪي جا ملڪ ۾ پکڙيل همراهه به وڏن زميندارن جي مدد سان جتي ڪٿي پيا قبضا ڪن ان ڪري انهن جا بالويشڪن وچ ۾ پيون چڪريون لڳن.

بالويشڪ زميندارن، سينين ۽ پادرين جي خلاف آهن ، مزدورن۽ هارين جا حامي آهن، ان ڪري اهي هنن جي پاسي آهن،۽ زميندار ،سينون ۽پادري ڪرنسڪيءَ جي همراهن پاسي . هنن انهن چڪرين جو وجهه وٺي ٻڌجي ٿو ته جرمن فوجن به هن سان سائي ستابي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جو خيال ڪيو آهي .هو فوجون زبردست آهن ،هتان بالويشڪن مرڪز تمام پري آهي ،ازان سواءِ هنن وٽ به فوجي سامان گهٽ آهي ،چو ته اجان ملڪ تي پورو قبضو نه ٿيو آٽن.گهرو جنگ هلي پيئي ، ان ڪري في الحال هتان بالويشڪ فوجون نڪري ويون آهن . شايد جرمن اچي قبضو ڪن ، جن جن سان پوليند

وارا شامل آهن پر بالويشڪ فوجن بہ ٻين هنڌن تہ وڏا محاذ ڻاهيا آهن ، جن وسيلي هو منشويڪن ۽ جرمنن کي منهن ڏيندا.

هي سڄو داستان ڪورچاگن ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهيو هو ، ۽ انهيءَ منزل تي بي اختيار چيائين چاچا !“ اهي بالويشڪن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ، ڇو تہ هو مزدورن جا حامي آهن نہ ؟”

يوخرائي بي اختيار کٽي سندس نراڙ تي چميو ۽ چيائين “بيشڪ ! اسين مزدور تہ پنهنجي حامين جي پاسي ٿينداسون ، اسان جو وڏن ماڻهن سان ڪهڙو واسطو ؟مگر ها جرمنن ۽ پولنڊ کي پنهنجي ملڪ مان ڪيڻ خاطر ، ڪار مردان جي مهل ۾ جيڪڏهن منشويڪ بہ انهن سان لڙندا هجن ، تہ فقط اسان کي منشويڪن سان وڙهڻو ڪونہ آهي ، جاڪاڻ تہ پنهنجي وطن سان ڌارين کي ڪيڻ سڀ کان اهم ڪم اهي، پنهنجن دان تہ پوءِ بہ نبري ڪائبو.”

# 8

بالويشڪ دستي وئي ٿي ڏيهن گزريا ، تہ جرمن فوجون اچي پهتيون . ساري شهر ۾ اها خبرٻڌي هلچل مچي ويئي ، اگرچہ هنن افواہ تہ ٻڌا پئي ، پر ڪين ڪنهن بہ صورت يقين نہ ٿي آيو ، ۽ جڏهن تہ اسان جي نئين مزدور حڪومت صاف اعلان ڪيو آهي، تہ جنگ بند ڪجي ٿي، ۽ تڏهن ڇو جرمن فوجون اسان ملڪ تي ڪاهي اينديون؟

پر جرمن فوجون اچي لٿيون ۽ وڏي رعب تاب سان شهر جي وڏي چوئنڪ وٽ اچي پهتيون ، شهر جي ڪافي ماڻهن تہ گهرن جا دروازا کٽي بند ڪيا هئا ۽ سيرن ۽ ٽنگن مان ڏنائون ، پر ڪي بي فڪرا چونڪ ۽ اچي گڏ ٿيا هئا.

هڪ آفيسر بند آواز سان ڪمانڊنٽ ميجر ”ڪارف “ جو اعلان پڙهي ٻڌايو ، “تہ هر شخص پنهنجا هٿيار اسان وٽ جمع ڪرائي ۽ شهر ۾ ماشل لا لڳائجي ٿو، ڪوب شخص 8بجي کان پوءِ گهر کان ٻاهر نہ نڪري.”

هنن وڏي وجي انهيءَ جاءِ تي قبضو ڪيو ،اول ميونسپل آفيس هئي ۽ انقلاب کان پوءِ مزدور پئنچات دفتر .انهيءَ ۽ ڪو شڪ ڪونہ هو تہ شهر ۾ اهڙي سٺي سرڪاري جاءِ ڪان هئي ، پر مزدورن کي پنهنجي جاءِ تي هنن جو قبضو ٿيڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو . تماشبينن ۾ ڪورچاگن بہ هو ، هو اگرچہ ننڍو هو ،پر پاڻ کي هڪ مزدور ٿي سمجهيائين تنهنڪري هن کي بہ مزدورن جي مرڪز تي جرمنن جي قبضي ڪرڻ سبب ڪانئن سخت نفرت پيدا ٿي ۽ وير وٺڻ جا طريقا سوچڻ لڳو .

هڪ ننڍو ڇوڪرو ۽ هيڏي زبردست فوج کان وير ڇا وٺي سگندو ، پر هن کي اهو تصور هو تہ دشمن کان جيڪڏهن وير وٺڻو آهي تہ جيترو بہ ،۽ جهڙي طرح بہ وٺي سگهجي ، اهو وٺجي ،هر شخص جيڪڏهن قطرو قطرو بہ گڏ ڪندو ، تہ نيٺ دريا ٿي پوندو . پنهنجي گهر کي ويجهو پهتو ، پر واري شاهي بنگلي ۾ هلچل ڏٺائين ، هہ هڪ وڏي دولتمند وڪيل “ليش چنڪي” جو گهر هو ، جنهن مختلف اٽڪلن ۽ عقلمندين سان تمام گهڻا پئسا گڏ ڪيا هئا ۽ شهر تي بالشويڪن جي قبضي ٿيڻ شرط ڀڄي ويو هو . پراڄ هو وري موٽي آيو هو ، اڄ سندس بنگلي ۾ ڇهڇهہ لڳي پئي هئي.

“ اوهہ هي ڪيڏا خوش آهن ، غدار ڪنهن لاءِ جا ! ديس تي ڌارين جو قبضو هنن کي ڪيڏي نہ خوشي ڏني آهي ! ڪري وٺن چار ڏيهن موجون ، ڌاريا نيٺ تہ لوڏيا ويندا ، هنن کان سڀ ڪسرون ڪڍيون وينديون.”هو ڇپن ۾ ئي پڻ پڻ ڪندو ويو.

ڪجهہ ڏيهن گزري ويا هڪ ڏينهن شام جو هو ڪم تان واپس موٽيو ، ڏٺا ئين تہ وڪيل جي بنگلي ۾ ڪو فوجي آفيسر بہ اچي رهيو آهي ، وڪيل جي ڌيءَ نيلي هن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي ، ڪلندي ٻاهر نڪتي آهي ۽ هو هڪ عليشان بگيءَ ۾ چڙهي هواڪائڻ پيا وڃن، “ڏسو غدارن جو اخلاق

!....پنهنجي ملڪ ڦبائيدڙن ڪي پنهنجون ڪنواريون ڌيئرون به ڪڍيو ڏين !....پلا غدار جو ٿيا !..... غدرا جي هر چيز ڌارين جي ملڪيت آهي ."هن پڻ پڻ ڪئي،

هو گهر ويو ، ماني ڪائي وري ٻاهرنڪتو . سندس گهر ۽ وڪيل جي گهر پنيان هڪ پبلڪ باغ هو ،هو به هوا ڪائڻ خاطر وجي باغ ۾ پهتو ، گهمندي هڪ پيهو ڏنائين ، جنهن تي چانو به هئي ، هيءُ ان تي مٿي چڙهي ليٽيو، سامهون وڪيل جي بنگلي جو هڪ طرف بلڪل ويجهوڏسڻ ۾ پئي آيس . شايد هن طرف ئي جرمن آفيسر ڪي رهايو ويو هو ، جو هٿيار ، سامان وغره ڏسڻ ۾ پئي آيو . پر عجب هو ته ماڻهون ڪوبه ڪونه هو ، شايد ساحب بهادرجي گهمڻ لاءِ وڃڻ سبب پيا به بي فڪر ٿي نڪري ويا هئا . بجلي ءَ وانگر ڪورچاگن جي مغز ۾ هڪ خيال آيو ، پيهي جي پر ۾ هڪ وڻ هو ان جون ٽاريون جهلي وڻ تان چڙهي وري به سندس پررانهين ٽارين تان لهندو وجي بنگلي جي ڇت تي پهتوءِتوهه وني وري به هڪ وڻ جون ٽاريون جهلي هيٺ لهي آيو،خبرداري ءَ سان جاچ ڪري ڪمري ۾ اندر ويو، ميز تي هڪ عاليشان پستول پيو هو.هو اهو ڪٽي وري به ساڳي رستي ڪان ٿيندو نڪري اٿي پڳو ۽ باغ ڪن ٻاهر نڪري ، ويران واٽون وني ، وجي هڪ سرن جي ڦٽل ڪوري وٽ پهتو . نهايت احتياط سان سرون پري ڪري پستول اتي لڪائي ، وري مٿس سرن جو ڍير ڪري، هي واپس اچي گهر پهتو ۽ جرمنن ڪي ڪجهه نه ڪجهه نقصان رسائڻ تان خوش ٿيڻ لڳو .

ٽي ڪلاڪ گزريا ، ته وڪيل جي بنگلي ۾ هڪ شور متل ڏنائين آفيسر موٽي آيو هو ، پستول ميز نه ڏسي اردليءَ ڪان پڇيائين ، اردلي اهڙو ڪڇي جهڙي پٽ ! هو غصي سان اردلي ڪي ڍاڍي مار ڏني ۽ پوءِ وڪي صاحب ڪي گهرائي ان تي غصو ڇنڊڻ لڳو ، "توهن جي گهر مان ضرورڪي فرد بالشويڪن جا جاسوس آهن ، اف! هو اسن تي به هٿ صاف ڪن ٿا !مان توهان ڪي چگيءَ طرح ڏسي وٺندس."وڪيل صاحب ڏڪڻ لڳو ، آفيسر جو مهمانيون ۽ خوشامدون ڪرڻ مان وڏا وڏا فائدا حاصل ڪرڻ ، ته پنهنجي ماڳ مورڳو اچي بربادي‌ءَ جي خطري ڪنيس ڪيس چڱيءَ طرح معلوم هو ته گهر وارن مان سندن ڪوب بالشويڪ ڪونه هو.سندس هڪ نوجوان فرزند ، وڪٽر تي اهو شبهو ڪجي ها ، پر هو به دفعا ناپاس ٿيڻ بعد مس مس مئٽرڪ تي پهتو هو ۽سارو ڏينهن ڇورين جي سوچ ۾ پورو هوندو هو .

آخر ڪار آفيسر سخت غصو ڪرڻ بعد پاڙي جي سمورن غريبن جي تلاشي ورتي ۽ هو سڀ جرمنن ڪي پٽڻ لڳا . بين تلاشيءَ گڏ ڪورچاگن جي به تلاشي ورتي ويئي ، پر ڪٿان به ڪجهه هٿ نه آيو ۽ ملٽري آفيسر جو وقت بوقت وڪيل صاحب ڪي ڌمڪايو ۽ گاريون پئي ڏنيون انهيءَ مان ننڍڙي ڇور ڪي ڏاڍو لطف پئي آيو ۽ سمجهائين پئي ،ته ڌارين غدارن پريشان ڪري ڏاچو ڪيج ڪٽيو اٿم!.

## 9

بجليءَ ڪارخاني ۾ ڪورچاگن وارو بدلجي رات جو ٿي ويو ، ان ڪري بيڪاري ڪان گزارڻ وارا ڏينهن هن لاءِ وڏا ٿي ويا .هڪ ڏيهن شام سندس ڪندي ڪٽي هو ريلوي باغ ۾ ويو ،اتي ننڍي تلاءُ جي ڪپ تي ويهي ڪندي اندر اڇلايائي مڇي جو شڪار ڪرڻ لڳو.

هو مڇيءَ جي انتظار ۾ هو، ته سندس پر واري وڻ تان هڪ سنهڙو آواز آيو" تون سمجهين ٿو ته هينئر شڪار ڪري سگهندين .؟"

" تنهن ۾ تنهنجو ڇا وڃي مس صاحبه !" ڪورچاگن سواءِ ڪنڌ مٿي ڪڻڻ جي جواب ڏنو .هن جو سجو توجهه مڇين طرف هو ، مگر تلاءُ ۾ ڏنائين ، ته وڻ تي ڪا ڇوڪري وينل آهي . ٿوري دير ۾ پاڻيءَ هلچل پيدا ٿي ، وڻ تان رڙ ٿي" ڏس ڏس مڇي ڦاسي پيئي!"

پاڻيءَ ۾ وري هلچل ٿي ، ظاهر هو تہ هن رڙ سبب مڇيون ڇهي ويون، هن جوش مان چيو ،
"ماٺ نہ ٿي ٿئي مس صاحبہ ؟ منهنجون مڇيون ڇو ٿي ٿاهين؟"
"مڇيون تہ تنهنجي صورت ڏسي ئي ڀيون ٿهن" هن ٺهڪ ڏيئي چيو" پلا شام جو ڪو شريف مڇين جو شڪار ڪندو آهي؟"
ڇڙ مان هن جو ڪنڌ ورائي" شام هجي يا صبح ، پر تو مان ڇو اچي ڦاٿو آهيان ؟ تون پنهنجي واٽ نٿي ونين؟(ڇرڪ ڀري) اهو ..... تون آهين .... مس تانيا !....تون ...تون...."
"جي ها آءٌ آهيان تانيا ! ڇڙ ڪاڏي ويئي ؟"
"ڇڙ ؟ توتي پلا ڇڙ ڪيئن ايندي ؟ تون ڪڏهين آئين؟"ڪورچاڳن نهايت حيرانيءَ مان هن ڏي ڏسي رهيو هو . هن ڪي ڏاڍا سهڻا ڀهريل هئا ، "۽ هوءَ بہ هاڻي اڻ ٽڙيل مکڙي جو ڏيکاءُ ڏيئي رهي هئي.
"مونکي بہ ٿي ڏينهن آئي ٿيا آهن. ڪتاب کڻي هن وڻ تي ويني پڙهيم ، تہ توکي شڪارڪندي ڏٺم چا ، آءٌ شڪار ۾ رنڊڪ وجهان ٿي ؟"
هن جي صورت ۾ محو ٿي هن جواب ڏنو" نہ نہ !تون ۽رنڊڪ ؟ پر....پر شڪار بہ ڪو ضروري آهي چا؟آءٌ تہ ائين پئي وندريس . هينئر بجليءَ جي ڪرخاني ۾ نوڪري ڪندو آهيان ۽ رات جو وارو هئم ...."
ڳالهہ ڪپي تانيا ٺهڪ ڏيئي چيو"۽ تنهنڪري واندڪائيءَ جي تفريح ٿي ڪيئہ ائين نہ ؟پلا ڪر شڪار ،آءٌ ٿي ڏسان تہ ڪيئن ٿو شڪار ڪرين؟"
آهستگيءَ سان ڪنڍي ڪي هن پاڻي ۾ اڇلايو ، هن لاءِ تہ لهرون نہ اٿن ۽ پاڻ بجاءِ مڇيءَ جي ، پاڻيءَ ۾ تانيا جي صورت ڏسن ۾ محو ٿي ويو !
ايتري ۾ پريان بہ نوجوان ايندا ڏسڻ ۾ آيا ، هڪڙو هو وڪيل صاحب جو فرزند وڪٽر ۽ ٻيو ريلوي يارڊ جو سپ ڪان وڏي آفيسرانجنيئر جو فرزند سڪارخو ،"يار هيءَ ڇوري تہ ڦٽاڪڙي پيئي ڏسجي ،الائي ڪير آهي هيءَ ؟" سڪارخو چيو،
"آءٌ سڃاڻانس ٿو ،اسان جي پاڙي ۾ رهندي آهي ، پڻس ٻيلي ڪاتي ۾ آفيسر آهي ۽ هيءَ ڪيف(يوڪرينجي هيڊ ڪواٽر ) ۾پڙهي ٿي ، هينئر موڪلن تي آيل آهي."
"پوءِ اهڙي بلبل تي بہ تو جهٽ ڪونہ هنيو ؟" سخارڪوءَ چڻ تہ ڪيس ٻي همت سڏيو .
."يار ڳالهہ نہ پڇ !اصل پيرئي نٿي ڪوڙي "بنهہ ڳالهہ نہ ٿي ٻڌي" وڪٽر جواب ڏنو .
" اڙي بيوقوف ! اهي تہ آهن نازنين جا نخرا ، هنن جي ناڪار معنىٰ هاڪار.هل مون سان ڳڏ ، ڏس تہ آءٌ ڪيئن ٿو ڇيڙيانس . تون رڳي منهنجي سڃاڻپ ڪرائج،"
هوآستگيءَ سان هلي وڻ هيٺ پهتا ، تانيا هينئر ڪورچاڳن کان توجهہ هٽائي ڪتاب پڙهي رهي هئي."هيلو مس تانيا ! اڄ مڇيءَ جي شڪار تي آئي آهين؟" "نہ ! آءٌ تہ خاموشيءَ سان پڙهان ويني ، تہ متان هن شڪار ڪندڙ صاحب جي ڪم ۾ رنڊڪ پوي"
سخارڪوءَ ڪورچاڳن ڏي ڏنو،سندس غريباڻن ڪپڙن ۽ شڪل مان ئي سندس حيثيت پروڙي ورتائين . هو وڏي ڪورچاڳن کي ويجهو وڃي چوڻ لڳو"اڙي تون ڪير آهين اٽ هتان ."
ڪورچاڳن پنهنجي شڪار طرف محو هو هن سندس لفظ چڻ تہ ٻڌائي ڪونہ ، انهيءَ تي هن ڪڙڪو ڪري چيو"اڙي ٻڌين ڪونہ ٿو؟ پڇ هتان نہ تہ ......."
ڪورچاڳن ڪنڌ مٿي کڻي تيز ٿي چيو "تون ڪير آهين مونکي لوڏڻ وارو ؟ هي باغ ڪو بابهين جو آهي چا؟"
" ٽڪي جا ڇورا ! تو ٿو مون سان چپ هڻين ؟" ائين چئي هو تيزيءَ سان اڳتي وڌيو ، ڪورچاڳن ڪنڍيءَ ۾ هٿڻ واري ڪيڙن جي ڊبي کي جو ٺڏو هنيائين ، تہ وڃي تلاءَ ۾ پيو . هو جوش مان ڪنڊي ڇڏي اٿي ڪڙو ٿيو . تانيا رڙ ڪري چيو" شرم نہ ٿو اچيئي مسٽر، هيءَ بہ ڪا شرافت آهي ؟"

پر ڪورچاگن ڪي جوش مان اکيون ڪرڙيون ڪري نهاريندو ڏسي ، انجنيئر جي فرزند ڪي چڙ آئي جو ٻنهي هٿن سان چاتيءَ تي اهڙي زور سان مڪ هنيائين جو هو ٿڙڻ لڳو ۽امڪان هو ته وڃي پاڻيءَ ۾ ڪري ، پر هو پاڻ سنڀالي زور سان چوڻ لڳو" اڃا؟ توکي به مرمت تي سَڌ ٿي آهي." ۽سندس استاد کي ياد ڪري ونئي جو ڪٽي منهن تي ٺڦڙ هنيائين ، ته سخارڪو جو مٿو ئي چڪرڪائي ويو . اجان هن پاڻ سنڀاليو ئي مس ته يڪدم سندس ڪنڌ مٿي جهلي گهلي گهلي ڪٽي پاڻيءَ هنيائينس ، سندس چمڪندڙ بوٽ ۽ قيمتي سوٽ گپ ۽ پاڻيءَ ۾ پرجي ويا . هن وري رڙ ڪئي ، ته سندس جاڙيون وڄڻ لڳيون ، جيڪو ڪٺجي پيس ، هڪ زور دار رڙ ڪري هو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو !

" واه واه ! تانيا تاڙيون وڄائيندي چيو ڪهڙو فرسٽ ڪلاس واچڻ ڪرايو اٿيئس. شاباس پهلوان!"

وڪٽر پنهنجي ساٿيءَ جي هي حالت ڏسي تانيا ڏي نهاري چيو" هي ڪورچاگن آهي ، اسان جي پاڙي جو وڏو بدمعاش ۽ غنڊو. هن کان خبردار رهج ،متان ڪڏهن عزت خاڪ ۾ ملائي ڇڏينئي ." ۽ پوءِ پاڻ يڪدم کسڪڻ لڳو ته متان ساڻس به نه اها حالت ٿئي !

۽ رات جو ڪورچاگن پنهنجي استاد يوخرا.ئيءَ کي هي واردات سڻائي ، تڏهن پڻي ٺپري چيس ."شاباس ! منهنجا سپوٽ شاگرد ! پنهنجي حق حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن گڙنگ کان متان ڊڄين . مرد سچ عمر هڪ دفعو مرندو آهي ۽ گانڊو ڏينهن ۾ ڏه دفعا!"

# 10

جنهن به هنڌ تي ، جيترا به ڏينهن بالشويڪن کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ٿي مليو اتي هڪدم پهريون حڪم اهو ٿي ڪڍيائون ، ته " زمينداري بنا معاوضي رد زمين انهن کي ملي ، جيڪي پاڻ پوکين ."

ظاهر آهي ته هن حڪم زميندارن ۾ هلچل مچائي ٿي ڏني ۽انهي وقت ، جڏهن اجان بالشويڪن جا پير به پوريءَ طرح جميل نه هئا ، اجان مٿن جرمنن ۽ پولينڊين جا حملا پئي ٿيا ، سندن اهي حڪم نڪرن ، ظاهر ۾ ڪيڏا نه غلط هئا ، مگر ڪيڏين مصيبتن ايندي ، هو انهن حڪمن ڪڍڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نه ڪندا هئا .

انهي جو سبب ؟ ....... سبب هي هو ته ڪين پڪ هئي ته اسين في الحال مصلحت خاطر زميندارن کي ڪيڏو ڪٽي نوازيون ، ته به هو اسان جا دوست هرگز ٿي نه سگهندا ، بلڪ انهي نوازڻ يا ڍر ڏيڻ سان جيڪي سو ملڪ ۾ تباهي ايندي .

بالشويڪن پنهنجي جدوجهد جو بنياد " ڪارل ماڪس" نالي هڪ وڏي عالم فاضل ۽سندس ساٿين جي تجويز ڪيل فلسفي " ڪميونزم" تي رکيوهو ، جنهنجي ٿورن اکرن ۾ اهو ئي مطلب آهي ،ته "جيڪي پورهيو ڪن ٿا سي ئي حڪومت ڪن . ائين ٿيڻ نه گهرجي جو پورهيت ته ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ذليل ٿيندا وڃن ،باقي چند چالاڪ شخص ، ڪنهن نه ڪنهن طرح حڪومت تي قابض ٿي ،زمينن ،جاين ،ڪارخانن ۽ واپارن تي قبضو ڪري وينا هجن ، ۽ عيش ڪن ۽ عوام جي زندگي زهر بنجي وڃي."

هن قسم جو فلسفو ، هونئن ته جيئن انسان آباد ٿيو آهي ،تنئن چڱا ماڻهون ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ هلائيندا پي اچن . نبين ،رشين ،درويشن ، جي تعليم ۾ اهائي چيز ملي ٿي.خود اسلام ۾ به ساڳئي قسم جا احڪام آهن. ۽ جيڪڏهن ابوذرغفاري ﷺ جي تعليم ۽تبليغ جو مطالعو ڪيو ته به اهي ئي اشارا ملندا .

هن فلسفي کي عملي رنگ ۾ اٽڪل اڍائي هزار ورهيہ اڳ يوناني فيلسوفن پڻ پيش ڪيو هو، مگر دنيا اڃا اتيري مهذب ڪانہ هئي ، جا انهي کي مجي سگهي ۽ عمل ڪري سگهي . ان ڪري اهو

ڏيئو هر هند ٿورو ٿمڪندو وري وسامندو ٿي ويو، وري سندس ڪا چڻنگ پڙڪي ۽ ٿمڪي ڪي جن به ڏنو ٿي ، سي ئي دائمي سندس مشتاق ٿي رهيا . دنيا جي سڄي تاريخ انهن آزاديءَ پروانن جي خون سان رنگين ٿيل آهي .

ڏني جن هيڪار ، صورت ساهڻ ڄام جي ،
سک ٿي ستيون ڪينڪي ، پري ساڻ پتار،
گهڙيون گهر نئانڌار، ڪاهي پيو ڪن ۾ ،

مگي 1760ع ۾ دنيا انهيءَ منزل تي پهتي ،جو هڪ طرف يورپ ۾ "سين سيمون "نالي هڪ وڏي مدبر ۽ علم انهي کي سائنٽفڪ نموني سان هلائڻ شروع ڪيو ، ۽ ٻئي طرف هندستان ۾ شاهولي الله به ساڳيون تلقينون مذهبي رنگ ۾ شروع ڪيون.

"سين سيمون" بعد "رابرٽ اوئن" ۽ ٻيا يورپي عالم هن کي چالو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا ، خود شاه ولي الله جي ڪتاب به جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيا . تان جو اٽيهوين صديءَ جي وچ ڌاري جڏهن هندستان ۾ به بغاوت جي باهه پئي دکي ،تڏهن "ڪارل ماڪس"۽ سندس خاص ساٿي "اينگلس" جي ڪوشش سان يورپ جي ڪافي مدبرن گڏجي ، انهي کي"ڪميونزم"جو نالو ڏنو ۽ ؟ڪميونسٽ پدرنامو"شايع ڪيائون.۽ پوءِ ان جي شرح هڪ وڏو عالمانه ڪتاب "موڙي " شايع ڪيائون .( سنڌي ادبي بورڊ ارادا ڪري رهيو آهي ته انهي ضخيم ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ شايع ڪجي.)

آمريڪا ۾ به اهي ڪافي بغاوتي تحريڪون هليون هيون ،سنه 1886ع جر "پهرين مئي " تي مزدورن جو جلوس ڪيڻ سبب هنن تي خوب گوليون هلايون ، مگر هو روڪجي نه سگهيا ۽ انهن ئي شهيدن جي رت مان ڪپڙو ٻوڙي جهنڊو بنائي اڳتي هليا ۽ ان وقت بعد مزدورن جو جهنڊو "لال" ٿيندوپئي آيو آهي۽ باوجود سخت ظلمن جي ،دنيا جي ڪافي حصن ۾ "1_مئي" جو ڏينهن ملهائبو پئي رهيو.

آهي،جنهن ۾ هاڻي ته حڪومتون به بهرو وٺنديون آهن ،چاڪاڻ ته هنن ڏٺو ته مزدور ڪنهن به صورت ۾ هي ڏينهن ملهائڻ کان باز ڪونه ايندا .

تنهنڪري اهو ته ممڪن ئي ڪونه هو ،ته زميندار هنن جا سڄڻ بنجن ، جيئن ئي جرمنن يوڪرين جي حصي تي قبضو ڪيو ، زميندارن سندن سات ڏيئي ، پنهنجن زمينن تي وري قبضو ڪري ورتو ۽ هر هنڌ هارين جي پٺن تي زميندارن ۽ جرمنن جي سپاهين جا چابڪ وسڻ لڳا .

پوءِ زميندارن جي مدد سان ساري يوڪرين مان ، ڪڻڪ ،ڏور ، ۽ٻيو اهڙو سامان گاڏين جو گاڏيون ڀرجي جرمني وڃڻ لڳيون، هيءُ ڏسي هارين اکين ۾ اوندهه اچڻ لڳي، چاڪاڻ ته زميندارن ته پنهنجي ڪاڏي جيترو ان محفوظ ڪري رکيو هو ، باقي ان وغيره جو ڌڙا ڌڙ جرمنيءَ پئي ويو ، ان جي جي نتيجي طور بک ته هارين کي مرڻو هو ، انهيءَ ڪري هارين جو انهيءَ کان سواءِ ٻيوچارو ڪونه هوته هو بالشويڪن جي ڇاپا هڻندڙ فوجن ۾ وڃي تي داخل ٿيا ۽ جيترو ٿي پڄي سگهين ، اوترو جرمنن جي گڏ ڪيل مال تي ڇاپا ٿي ماريائون ۽پڻ جرمنن کي جيڪا تڪليف پڄي ٿي سا ٿي سگهين سا ٿي ڏنائون .

هو ته ظاهر هو ته بالشويڪن سان گڏجڻ ۾ سر جا سودا ڪرڻا هئا ، پر نه گڏجڻ ۾ وري هارين لاءِ ڪهڙي چڱائي هئي؟هوئنئن بک سان ڦٿڪي مرن ها يا ذلت جي زندگي گزاري ڏينهن ۾ ڏهه دفعا موت قبولين ها ، هئن عزت جي زندگيءَ وسيلي مرن ها ،پر انهي مرڻ ۾ اها اميد ضروري هئي ته پوين لاءِ چڱو ورسو ڇڏين ها. ان ڪري بالشويڪن ڇاپا مار جوجن ۾ جيئن تيئنئن واڌارو ٿيندوپئي ٿيو .(ان وقت جي انهي تصور ڪرڻ لاءِ هڪ هلڪو نقشو سنڌ جي انهي زماني جو آهي ، جڏهن رهزن انگريز حرن تي ماشلا لا لڳائي هئي ۽ اگرچه سوَن کي ماريائون ،هزارن کي قيد ڪيائون ، پر ڪابه ڪمي نه آئي .

اها حالت ته هئي ٻهراڙي ۾ شهر ۾ به شاهوڪارن ان ۽ ٻيو ڪاڏي جو سامان لڪائي ڇڏيو ۽ خوب بلئڪ ۽ سمگلنگ ڪرڻ لڳا ، جرمنن کي ته هنن خوب راضي ٿي رکيو ، پر عوام لاءِ رڳا چابڪ هئا .

هيءُ ڏسي شهرن ۾رهندڙ بالشويڪن به ماڻهن کي منظم طرح جرمنن کان نفرت ڏيارڻ لڳا ، اهڙا پرچا ورهائڻ ۽ پتين تي لڳائڻ لڳا، جن ۾ عوام کي هن سان بغاوت ڪرڻ جي ترغب ڏنل هئي.

# 11

شهر شيتووڪا ۾ انهيءَ پارٽيءَ اڳواڻ اهوئي يوخرائي هو ، جنهن جي هٽ هيٺ ڪورچاگن ڪم ڪندو هو . ظاهر هو ته بجليءَ جو مستري هو، پر باطن ۾ سموري تحريڪ جومنتظم هو ۽ اها ڳالهه ڪورچاگن کان به لڪي ڪانه سگهي هئي. اگرچه هو انهيءَ ڳالهه کي پوريءَ طرح سمجهي نه ٿي سگهيو، پر ايترو احساس هوس ته "جرمن تمام برا آهن ۽ هنن کي هرڪا تڪليف ڏيڻ اسان جو قومي فرض آهي ، آخر هنن کي ڪهڙو حق آهي ، اسان جي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جو ؟"۽ پوءِ اهو احساس جو ئي نتيجوهو، جو يوخرائي جي چوڻ ذاران ئي هواشتهار وجي ورهائيندو هو، ۽ اهڙن مهلن ۾ به پتين وجي چنبڙائيندو هو ، ۽ رات جو 8بجي کان پوءِ ڪنهن کي به گهرن کان نڪرڻ جو حڪم نه هو ۽ جرمن سپاهي ٻاهر نڪرندڙ کي گولي هڻي ڪيندا هوا " هن جي ساٿين مان ڪن کي اهڙيءَ طرح گوليون لڳيون به هيون . پر هن سان اها هالت هئي جو :

سندو ڏم ڏڪار، هڏهين ڪونهي هن کي ،
ڪارڻ منڌ ميهار ،ڪاري تات ڪن گهڙي ،

ڏينهن ڏني جو پستول جي چوري ڪرڻ بعد هن جي دل تي اهو يقين ويهي ويو،ته جرمن حاڪم هجڻ سبب عياش ۽ غافل آهن ، اسين جيڪڏهن پنهنجيءَ تي اچون ته سندن هر ڪم کي نوڪر هٽي سگهون ٿا ، هن کي نڪا خبر هئي ڪميونزم جي ، نڪا بالشويزم جي پر رڳو ايترو سمجهي ٿي سگهيو ته" آخر جرمنن کي ڪهڙو حق آهي اسان تي حڪومت ڪرڻ ۽ اسان جي ملڪيت لٽڻ جو ؟" ۽ فقط ايتريءَ ڳالهه سمجهڻ ڪري جنهن به ڪم مان جرمنن کي نقصان پهچي ، هو ٽپي وجي ان ۾ پوندو هو ، جيڪو به شخص جرمنن کي نقصان پهچائيندو هو ، اهو ڪيس وڻندو هو ۽ جڏهن به جرمنن نقصان رسڻ ڪا خبر ملندي هيس ته خوشيءَ مان وني نچندو هو .يوخرائي بجليءَ جي ڪاخاني ۾ پنهنجو ڪوبيودوست چڏيو ۽ پاڻ وجي ريلوي يارڊ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ، هڪ ڏينهن هن ڪورچاگن جي پاءُ آرتيم کان پارٽيءَ بابت سوال پڇيو . هن جواب ڏنو : " دوست !مونکي انهن پارٽين بارٽين بابت ڪابه خبر ناهي ، پر بدمعاش جرمنن کي پنهنجي ملڪ مان لوڏڻ لاءِ مون کان جيڪي ڪابه مدد پڄندي ، ته آخري پساه تائين حاضرآهيان ." يوخرائي خبر هئي ته آرتيم زبان ڏني ته بس ، سر ڏيندو پر ڦرندو ڪونه ، ان ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو ." ڪورچاگن ، منهنجا ننڍڙا دوست ! اڄ اسان کي تنهنجي مدد جي سخت ضرورت آهي ."هڪ ڏينهن يوخرائي ڪيس ڏاڍي پاٻوهه مان چيو .

"ٻڌاءِ استاد ! رهزنن جرمنن کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍڻ لاءِ منهنجي جان به حاضر آهي ." " اڄ سچ پچ تنهنجي جان جي ضرورت آهي ، اڄ اسان جي چاپا مار دستن کي هڪ وڏيءَ پل کي ناس ڪرڻو آهي ، اها پل ، جنهن تان اسان جي ملڪ جي ان ۽ ٻين شين جا گاڏا پرجي جرمنيءَ وجن ٿا ،هوءَ پل جيڪڏهن هيڪر ناس ٿي ته ڪافي وقت سندس نهڻ ۾ لڳندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترا ڏينهن نڪي اسان جي ملڪ جي دولت اوڏانهن ويندي ، نڪي اتان ڪي رهزن جرمن اچي سگهندا . هن ڪم لاءِ اسان کي پل وٽ هڪ بم رکڻو آهي ، مگر ظاهر آهي ته هي ڪم ڪوبه وڏو ماڻهون ڪري نٿو سگهي ۽ اسان کي اهڙو چوڪرو گهرجي ، جو نهايت ڦڙت ، اٽڪلي ۽ بي ڊپو هجي. هو سهي وانگر بم کي اتي رکي ، سندس تار کي چڪي پاسي واري جهنگل ۾ پهچندو ۽ پوءِ مقرر وقت تي اسان جا همراهه سوئچ دٻائي ، ان کي چوڙيندا .

ڪورچاگن اها تجويز ٻڌڻ تي اهڙو ته خوش ٿيو جو چا چئجي ، مگر يوخرائيءَ چيس "ڏس نونهال !تو اجان ننڍو آهين ۽ تو موت اڪين سان نه ڏٺو آهي . جرمن پهريدار به خبردار آهن ، جيڪڏهن

ڪنهن ڏسي ورتو ته نه فقط توکي چيچلائي چيچلائي ماريو ويندو ، بلڪ هر طرح جا عذاب ڏيئي تو ڪان اسان جا نالا پڇيا ويندا ۽ پوءِ ممڪن آهي ، ته تون ڪڇو بنجي اسان سڀني کي تباهه ڪرائين ."

گنيپر تي ڪورچاگن جواب ڏنو :" بس استاد ،وڏيڪ نه ڪڇ ، تو مون ۾ فقط اها اميد رکج ته سر ڏنائين پر (راز) نه ڏنائين."

يوخرائي بي اختيار پاڪر پائي نرڙ تي چمي ڏيئي چيو " اهو يوڪرين ڪڏنهن به ڊارين جو غلام بنجي نٿو سگهي ، جنهن جو مائون ههڙا نونهال ڄڻين !"

ٺيڪ 2بجي اسٽيشن تي هاهاڪار مچي ويئي ته 75ميل پري هڪ شاهي پل کي بالشيويڪن ڇاپا مارن بم سان اُڏائي ڇڏيو هوءِ ....... يوخرائي اهڙو بندوبست ڪيو هو، جواها خبر پکڙڻ شرط هر ڪو مزدور پنهنجو ڪم ڇڏي ٻيهي رهيو . سڄي اسٽيشن خواه يارڊ ( مرمت جي مرڪز ) ۾ راڪاس ڦري ويو ۽ پينگ لڳي ويئي ، اسٽيشنن ماسترن سميت سمورا مزدور غائب ٿي ويا !

۽ ٻئي پاسي عين وقت تي بجلي گهر به بند ٿي ويو ، ان جا سمورا مزدور ڪاخانو ڇڏي ويا ، ان ڪري سارو شهر پيانڪ اونڌاهه سان پرجي ويو.

## 12

جرمنن هيءَ حات ڏني ته چتا ٿي پيا ، هنن يڪدم سڀني ريلوي مزدورن سندن گهرن مان وڃي گرفتار ڪيو مگر يوخرائي ڪجهه ٻيا ساٿي هنن جي وار ڪان بچي ويا. گرفتار مال گودام جي هڪ ڇاپري ۾ وڃي بند ڪيو .

" آرتيم، پوپلين ،بروياڪ ،اهي ٽيئي ٻاهر اچو" جرمن نائب ڪماندنٽ فوجي انداز ۾ آواز ڏنو، ٽيئي ٻاهر آيا ۽ اوهان ٽنهي کي انجڻ ئي ڪم ڪرڻو آهي ۽ هڪڙي گاڏي وٺ يڪدم وڃڻو آهي . انڪار ڪندو ته بروقت گوليءَ سان اڏايا ويندئو. ٻڌايو ته ڇا ٿا چئو ؟"

ٽنهي خاموشيءَ سان ڪنڌ جهڪائي هاڪار ڪئي ، گارڊ جي پهري هيٺ هنن کي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ نائب وري ٻيءَ گاڏيءَ لاءِ ٻين نالا پڪارڻ لڳو .

آرتيم، پولين بروياڪ سولجرن سان پريل گاڏي وني پئي هليا . سنتري ڪوئلن مٿان چڙهيو وينو هو ، جو هنن ٽنهي جي نظر داري ڪري رهيو هو .

" ڇا اسين هيءَ گاڏي منزل تي پهچايائون؟"بروياڪ آهتي چيو.

"پلاڇاڪري ٿا سگهون ، جڏهن سنگين ۽ پريل بندوق ڪٽي هو رهزن اسان مٿان وينو آهي " آرتيم جواب ڏنو.

پولين ڪسڪي وجي ڪن ۾ چيو : هي گاڏي جرمنن رهزنن سان پريل آهي ۽ اڳياپل وٺ وڃي اسان جي انهن بهادرن پيڄٽيون ڏيندي جن همت ڪري پل پيچي ڇڏي آهي ۽ پوري تيزيءَ سان ريلوي لائن پٽي رهيا آهن ، هن لاءِ ڪابه گاڏي اسان جي ملڪ جي دولت ، اسان جي ٻچن جي قوت ۽ اسان کي يوڪرين جي سخت سرديءَ ڪان بچائيندڙ ڪپڙا ، ڪٽي جرمني نه وڃن . پوءِ ڇا اسين ٻن هزار رهزنن کي ڪٽي هٿن سان وڃي منزل تي رسايون ، ته هو اسن جا چار هزار بهادر وڃي شهيدڪن؟"

"پوءِ ڇا ڪجي استاد ؟" آرتيم بي وسي مان جواب ڏنو ."پٽڙا !توکي شايد معلوم ناهي ،ته مون زار جهڙي ظالم جي وقت ۾ هڙتال جي ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪا به انجڻ نه هلائي ، نڪي اڄ به هلائيندس . جيڪڏهن اڄ اسين پنهنجن هزارن ساٿين جو سامان هٿن سان وڃي سندن سرن تي ڪڙڪائيندا سون ته

اها ڏامر ڪان بہ وڏيڪ ڪارنهن اسن جي تان ڪيئن لهي سگهندي ؟ آخر اسان ڪان اڳيان بہ هن انجڻ ڪي ڇڏي ڪنهن طرح پڃي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا نہ؟"........پولين اجان ائيم چيو ئي مس تہ آرتيم ڪي يوخرائي جا لفظ ياد اچي ويا، جنھ ڪيس چيو هئائين تہ "آخري پساھ تائين هر ڪا مدد ڪندس"ءِ هاڻي ...؟ واه جو مدد ڪري رهيو آهيان ...جرمنن ڪي پنهنجي وطن مان بہ ائين لوڏيندس نہ ...؟

هن جو سمورو جسم جوش سان پرجي ويو هن يڪدم چيو " پوءِ ڇا ڪجي بابا !هڪم ڪر !"

" بس، هن مردود جي سر تي ڪنهن بہ طرح سان مترڪو هڻڻو آهي ،جهڙو تون ريلوي يارڊ ۾ تتل لوه تي وجائيندو هئين ."

اڪ چنيءِ ۾ جرمن سپاهيءَ جي ڪوپڙي ائين چور ٿي ويئي ، رڙ بہ نہ نڪتس ، بخارو ڪولي انجڻ جي بيڙي ٻوڙي ، هڪ گهاٽي جهنگ ۾ حي ٽيئي پڇي ويا ،عياش جرمنن ڪي پتو تڏهن پيو ، جڏهن اوچتو انهي گهاٽي جهنگ ۾ گاڏي بيهي رهي ۽ پوءِ...... رات پوڻ تي ڇاپي مار دستن انهن مان گهڻن سپاهين ڪي قيمو بنائي ڇڏيو.

۽ پوءِ ....؟ اڳتي هلي اها حالت بني ، جو نيٺ جرمن هن ملڪ ڪي خالي ڪري هليا ويا ۽......دنيا جي دانشورن اهو اصول صحيح ثابت ڪري ڏيکاريائون تہ "جا قوم ڌارين غلام بنجڻ ڪان سچي دل سان انڪار ڪرڻ جو عزم ڪندي آهي ، ان ڪي ڪوبہ غلام بنائي نٿو سگهي ."

# 13

"اوھ ! تون آهين ڪورچاگن !"نهايت محبت ۽ امنگ سان تانيا چيو " آخر آءُ تو سان ڪيئن ملان ۽ ڪٿي ؟ منهنجي گهر اچڻ ڪان توکي انڪار آهي ،جي آءُ اوهان اميرن جو ثاني شريڪ نہ آهيان، پنهنجي گهر اچن تان بہ توکي ساڳيو عزر ٿو ڏين ،پوءِ پلا ڪو ملڻ جو هنڌ ٻڌاءِ !"

"هنڌ ٻڌايائين ؟ " هن مرڪي چيو .

" ضرور ٻڌاءِ !" تانيا بيقراري مان پڇيو.

" پنهنجي ملڻ جو صحيح هنڌ اهو ئي ساڳيو مچين وارو تلاءُ آهي."

"جتي نئين دور جي پهرين ملاقات ٿي هئي ، ائين نہ ؟" هن ڪلندي چيو.

"بس اتي ئي ، خبر نہ آهي تہ اهو هنڌ مونکي چو وڏيڪ وڻندو آهي ."ڪورچاگن ورندي ڏني .

" ۽ مونکي بہ !" تانيا مرڪندي چيو " پر تون پڪ سان اتي ايندين ؟ "" نہ فقط پر هر روز !"

"اوھ هير روز ؟ ڏاڍو چڱو ، پوءِ آءُ روزانو شام جو اتي تنهنجي راھ نهاريندي رهندس.؟"

" بس راھ تہ نهارڻي پوندي ئي !" ڪورچاگن مرڪندي چيو " مزدورن جي محبت، اميرن ، جي قسمت ............اوھ هي ڇا " هن چرڪ پري چيو "اف! ڏاڍو برو ٿيو . " " ڇاهي ڇاهي"

" تانيا پڇ ئي نہ ، هو هو ڏسين ٿي پيٽيلورا فوج جوسپاهي ، هڪ يوڪرينيءَ ڪي قيد ڪري پيو وڃي؟" هن چيو

" جي ها !اها ڪا نئين ڳالھ تہ ڪونهي" ، تانيا چيو "اهي تماشا تہ روزانو ، هر گهڙيءَ ، هر منٽ ۾ پيا ڏسبا آهن ، ۽ غلامن لاءِ تہ رواجي ڳالھ آهي . بس سنگين سندس پٺن ۾ چيپاٽيو وٺيو پيو وڃي ."

"مگر هو سجاڻين ٿي؟" ڪوررچاگن انهن ڏي ڏسندي چيو.

"يوخرائي آهي نہ ؟ تنهنجو هيڊ مستري ؟" تانيا چيو . مگر هو رڳو مستري نہ آهي تانيا! هت جي انقلابي ڪميٽي جو مکيہ ڪارڪن آهي ، جرمنن کي پڃائڻ ۾ وڏو هٿ هو ، هو منهنجي

دل جو اڳواڻ بہ آهي .....پر .....(هٿ مهٽي ) افسوس ڇا ڪجي ، هي ظالم تہ هن کي ڦاسي ڏيندا ........ چرڪ پري تانيا ! هاڻي خدا حافظ ! هو ويران گهٽين ڏي مڙيا آهن ۽ پانيان ٿو تہ هھڙو موقعوبيو هٿ نہ ايندو ." ڪورچاگن ايترو چئي بي اختيار هنن ڏي وڌيو ،۽ تانيا بہ پنيان ويئي گهٽيءَ جي منهن تي پهچي هو وائيڙي ٿي بيهي رهي.رائفل مٿان وجي ڪڙڪيو ۽ ٻنهي هٿن سان هن کي پڪڙي يوخرائي جي پنن کان پري ڪري ڪٽي زمين ڏي موڙيائين .

رائفلہ لڳل سنگين پٿرن سان ٽڪرائيجي زور سان ڪڙچ ڪري چٽنگون اڏائن لڳي ، سپاهيءَ کي هن اوچتي حملي ۽ هيڏي جرئت جو گمان ڪونہ هو ، هو هيڪر تہ وائڙو ٿي ويو ۽ پوءِ پاڻ سنڀالي ، جهٻي ڏيئي رائفل ڇڏائڻ لڳو . هن گهوڙي تي زور ڏيئي رائيفل بہ ڇوڙي ، پر گولي پڳل پٽ ۾وجي لڳي . يوخرائيءَ نهايت پريشانيءَ ۾ اڳيان پئي ويو نڪاءُ تي هن بہ ڪنڌ ڦيريو ۽ پوئتي وڌيو .

سپاهيءَ گهڻوئي رائفل ڇڏائڻ جو ڪوشش ڪئي پر ڪورچاگن جا هٿ لوھ جي شڪنجي کان نہ زور هئا، ڇڙ ۾ پرجي هن ڪورچاگن کي ڪيرائي وڌو ، پر ڪورچاگن رائفل مان هٿ اصل نہ ڪڍيا ، اگرچہ سندس هٿ خواھ ڪرايون ساٽا ٿي ويا. اتي يوخرائي بہ وڌي سپاهيءَ کي لونڌڙي ڏاري وني جو هڪ زودار نونشو وجايو، تہ هن جو مٿو چڪر ڪائي ويو ۽ هو وجي هيٺ ڪريو ڪورچاگن مٿي ٿي ويو ، ڪورچاگن کي سندس هٿ ۾ اهڙو زوردار چڪ وڌو جو هن رڙ ڪري هٿ ڪڍي ورتو ۽ يوخرائي جي ٻئي نونشي بيهوش بنائي ڇڏيس .

نهايت تيزيءَ مان يوخرائيءَ کيس گهلي ڪٽي پر واري پڳل جاءِ م اڇلايو ۽ ڪورچاگن کان ڪٽي کيس چيائين "پيارا نوجوان ! تنهنجو نهايت شڪريو تنهنجي اجوکي همت يوڪرين تاريخ تي دائما نقش رهندي ، هاڻي الوداع ....۽تونيڪدم غائب ٿي وڃ ، گوليءَ جو آواز ٻڌي خونخوار ڪتا ڇاڻ پهتا !" هو نهايت تيزيءَ سان پڳلن جاين مان نڪري غائب ٿي ويو

هن بينظير بهادريءَ اول تہ تانيا کي وائڙو ڪري ڇڏيو ، پر پوءِ هو دل ۾ پنهنجي محبوب کي آفرين چئي ، خوشيءَ مان ٻهڪندي اڳتي هلي .

## 14

ويران جاين جي پوري ٿيڻ تي آباد گهٽي آئي تہ منهن ۾ ئي وڪيل ليسچنڪي جي ڌيءَ نيلي ملي ويس "اوھ تانيا !اچ ڏاڍيءَ بهادر يءَ۾ آهين !" هن چيو

" چو نہ بهادريءَ۾ پرجان ، جڏهن اسان جو ڪوپنڊرن ورهين جو سنهڙو چوڪرو، هڪ ديو جهڙي بدمعاش فوجيءَ کان محب وطن کي آزاد ڪرائي وجي ، تڏهن اسان لاءِ فخر جهڙي ڳالهہ ڪانهي؟"ٻهڪندي چيو.

" اوھ پنهنجي محبوب ڪورچاگن جو ذڪر ٿي ڪرين؟ هاڻي جاڳندي خواب پئي لهين ؟"هن ٽهڪ ڏيندي چيو .

هي خواب ناهي نيلي ، پر حقيقت ..........،"اوچتو هن زبان سنڀالي ورتي ، اٿاھ خوشيءَ مان هن کي اهوياد ئي نہ رهيو تہ نيلي تہ هڪ وڏي غدار جي ڌيءَ آهي ،هن وري مرڪي ڳالهہ ڦيرائي چيو "نيلي پيٽخواب نہ لهون تڏهن ڇا ڪريون ، مزدورن سان دل لڳائڻ آهي ، خواب لهڻ ٻيو ڇا؟"

هٿ هٿ تي هڻي نيليءَ چيو"ڇري ڇڏ انهي ڪوچڙي جي پچر ، ڪو ادي وڪٽر جهڙو نوجوان ڳول "

“ڪا ساٿياڻي مدد بہ ڪري نہ !” ائين چئي هو اڳتي وڌي ويئي ، سندس منهن لهي ويو ، پنهنجي غلطيءَ تان غمگين ٿي هوءَگهر ۾ ڪري پيئي . شام ٿي تہ وجي مچين واري ٽلاءَ تي ويني ، مگر سج لهي ويو ، تہ بہ محبوب نہ آيو ، سندس دل گهبرائجي ويئي ۽ هوءَ سڀ تميزون ڇڏي ڪورچاگن جي گهر رواني ٿي ويئي .

گهر اندر گهڙي ،تہ سڀ نڪر نوبر پکڙيل ڏٺائين هڪ ٿلهي جوان بيني انهن ڪي پئي ڏٺو ۽ چئي رهيو هو “عجيب مصيبت آهي ، پلا چورن سان اسن غريبن جي ڪهڙو ڪم ، هو هن طرح ويهي نڪر نوبر پکيڙيا اٿن ؟ ... الائي چوڪروبہ ڪاڏي ويو ...”تانيا دل ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي ۽ هن وڏي غمگين آواز ۾ چيو “ اوهين آرتيم آهيو ڇا؟”

“ها آهيان تہ اهو ، پر مس صاحبہ ! تون هتي ڪيئن آئي آهين ؟”

غمگين ٿي هن چيو “آءُ پايان ٿي ، تہ هي ڪم ملٽري جو آهي ، ۽ .... شايد تنهنجي ڀاءُ ڪي گرفتار ڪري ويا آهن .” آرتيم اوهہ !هي ڪم برابر انهن رهزنن جو هوندو (چرڪ پري ) ۽ هان ، تو ڇا چيو ؟ ڇا ڪورڙچيو گرفتار ٿي ويو چو پلا؟”

فخر سان هن جواب ڏنو “چو تہ هن هڪ ديو جهڙي سپاهيءَ تي حملو ڪري ان جي قبضي مان اسان جي قومي هيرو يوخرائي ڪي آزاد ڪريو هو.”

“ڇا يوخرائي آزاد ٿيو ؟....واهہ واهہ ..... ڏاڍو سنو مس صاحبہ !هن چوڪري ۾ ايڏي طاقت آئي ڪٿان ؟ نہ نہ اها ڪنهن خواهہ مخواهہ چغلي هنئي هوندي.”

فخر مان اوچو ڳاٽ ڪري هن جواب ڏنو “ مون اها روئيداد اکين سان ڏٺي هئي ۽ ائين چوندي گهر هلي ويئي تہ ، هو ڪٿي ٿو واپس وري !”

## 15

لڳو لڳ پنج ڏينهن ڪورچاگن ڪي هر قسم جون تڪليفون پئي ڏنيون ويون ۽ ڪائنئس پڇيو پيو ويو ، تہ “ ٻڌاءِ ، توسان ڪڏ سازش ۾ ڪيرشامل آهن ؟ ڪنهن توڪي سپاهيءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ ٻڇ ڪئي ؟يوخرائي ڪڏانهن پڇي ويو ؟” پر هن سورهن ورهين جي بهادر نونهال هڪڙو ئي جملو دهرايو“مون ڪي ڪابہ خبر ڪانهي ،آءُ پلا ڪيئن ملٽري جي سپاهيءَ تي حملوڪرڻ جي جرئت ڪندس ؟” جن ماڻهن پوليس جي مار ڏٺي هوندي تن ڪي قدر هوندوتہ هيڏڙي ڳاڙهہ ڳلي چوڪر ڪان سچي ڪرائڻ پوليس لاءِ بہ بلڪل آسان آهي ، ۽وري ملٽريءَ جي مار ......؟

توبہ! شل ڏٽي پناهہ ڏئي ، ۽هن بهادرنونهال اها مار لڳو لڳ پنج ڏيهن پئي سني ، ۽ سواءِ هڪ شخص جي ، ٻين سيني ڪي گهڻي قدر گمان پئي ٿيو تہ سچ پچ هي بيڏوهي آهي ! .....اهو هڪ شخص هو خود اهو سپاهي ، جنهن سان ڪورچاگن ۽يوخرائي جنين جهڙي جڻ ڪئي هئي ۽ هو مس 3ڪلاڪن بعد هوش ۾ آيو هو ۽ جنهن هڻ جو چڪ وارو زخم اهڙو تہ چڪي پيو هو ،شايد عمر تائين نشان قائم رهندو .

ڪورچاگن ڪي مار ڏيئي ڏيئي ٿڪجڻ بعد هو ڪيس هڪ ڪوٺيءَ ۾ پوري ڇڏيندا هئا ، چار قيدي ٻيا بہ هئا ،هڪ يخي هٽندڙ پوڙهي ، هترادو شراب ناهڻ ۾ پڪڙجي آئي هئي ، ٻيو هڪ پوڙهو ، ٽيون هڪ حجام چوٿين هڪ خوبصورت 18ورهين جي چوڪري، جنهن جو پاءُ انقلابي جٿي ۾ وجي ٿيو هو پر هوءَ مسڪين اوچتو وجي ڪمانڊر جي نظر تي چڙهي ۽ هن پوري هفتي کان ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ ڪنهن مهل لٺ تہ ڪنهن مهل چٺ ، ڪنهن مهل پيار پئي ڏنا ، پر اصل ۾ هوءَ اصل نٽي مڙي . آخر اڄ رات هن هي چڏي ڏنو هئس ،تہ صبح تائين راضي نہ ٿئين ،تہ عام سپاهين جي حوالي ڪري ڇڏيندو سانءِ ، پوءِ جهڙي جڻ جي لائق آهين ، اهڙي هاصل ٿينديئہ !

۽ ........اچ جڏهن ڇوڪريءَ ڪي هن نوجوان يا نونهال جا احوال معلوم ٿيا ، تڏهن بي اختيار ليٽڙيون پائيندي وٽس پهچي ويئي ۽ چوڻ لڳيس "ننڍڙا نوجوان ! مونکي تو وانگر ستن ڏينهن کان ماريو پيو وڃي ته ڪمانڊر جي سريت بنجان ، پر مون انڪار ڪيو آهي . سپاٽي ته هو منهنجو برو حال ڪندا "پر آءٌ جا هنن وحشين کي ڪنواري هٿ اچان ، تنهن کان اڳ بهترآهي ته منهنجو پهريون لطف توجهڙو انقلابي نوجوان ئي حاصل ڪري ، ته سڄائي ٿيان !"۽ هو بياختيارڪيس چنبڙي ويئي ............

ڪورچاڳن انسان هو ، نوجوان هو ، پر بي اختيار تانيا سندس اکين آڏو ڦري آئي ،هن هُن کي پري ڪندي چيو "اسين انقلابي بد اخلاق نه آهيون ، پياري ڇوڪري ! تون تمام سهڻي آهين ، هر نوجوان کي وڻي سگند ٿين، پر ڏس ! اسان جو اهڙو وڙ نه آهي ، جو حد کان وڌيڪ مصيبتن تي نا اميد ٿي ، پنهنجي انسانيت وساري ڇڏيون . تون چوين ٿي ته رات گزرڻ بعد منهنجو برو هال ٿي ويندو ، پر توکي وسري ويو آهي ته ،شب درميان ، رب مهربان !، خبر ناهي رات جو جي پيٽ ۾ ڇاٽئي . مجبوري بي چيز آهي ، جاٽي واٽي بدڪردار بنجڻ بي چيز ، پنهنجي پاڻ تي ائين ظابطو رک جيئن رهزنن جي مار وقت رکندي آهين !"

پوءِ سندس نرڙکي چمي ڪورچاڳن چيو "منهنجي انقلابي ڀيڻ ! صبر سان وڃي سمهي رهه ، صبح جون ڳالهيون صبح سان!"

آڌيءَ مهل ڪورچاڳن اجان ڪڇيءَ ننڊ ۾ هو ، ته سپاهين آوازن سندس اک کولي وڌي ، هو بتي ڪٽي اندر آيا ۽ هڪ شخص اندر ڌڪي ، ٻ ته گاريون ڏيئي هليا ويا . بتيءَ جي روشنيءَ جڏهن ڪورچاڳن هن جوچهرو ڏٺو ته خون ئي خشڪ ٿي ويس .....هو هڪ زبردست ڇاپامار انقلابي "دولنيڪ هو ۽ هن جي ئي دم سان ڇاپامر انقلابين مانڌاڻ مچائي ڇڏيو هو . ڪورچاڳن جي هن سان واقفيت تڏهن ٿي هئي ،جڏهن هو پل هيٺ بم رکي پڇي اچي هنن وٽ پهتو هو .

بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي کي پيغام ڏيئي ڇڏيائون .صورت حال مان ظاهر هو ، ته ٻئي گوليءَجي لائق هئا ، پر ڪورچاڳن ڏٺو ته دولنيڪ جي چهري تي ٻه ڪو هراس ڪونه هو .

## 16

۽ اجا صبح مس ٿيو ته سپاهين ۾ هڪ چل پئجي ويئي . سندن ڪمانڊر الاءِ جي ڪاڏي نڪري ويو هو،۽ ٻيو هڪ ڪمانڊر، هڪ انسپيڪٽر سميت اچي پهتو . هن سپاهين کي ٻڌايو ته " باقاعده فوجن جو اعلىٰ ڪمانڊر پيٽلورا !صاحب اچي رهيو آهي ، هو اجهو ٿو فوجون ڏسي ، ان ڪري ڪئمپ صاف ڪري هٿيار ٻڌي تيار ٿي بيهو ، نه ته سخت سزا ملندو .ڏسو ته سهي ، اوهان جي ڪمانڊر کي ٻه نڪرڻ لاءِ هيءَ مهل سجهي هئي ! نالائق ڪنهن جاءِ جو !"

سپاهي ته ڪم ۾ لڳي ويا ۽هن وري انسپيڪٽر کي چيو "دوست !اچ ته جيل کي ڏسون ، متان هنن ڪو ناحقي قيدي پڪڙي رکيو هجي ، هو اعلىٰ ڪمانڊر کي دانهن ۽ پاڻ سيني جي ٻيڙي بوڙي ڇڏيندو ."

جڏهن جيل بنايل ڪوٺيءَ تي آيا ته پهريائين منهن ۾ پوڙهي ملي وين "اڙي تو کي ڇو بند ڪيائيون ؟ " "وڏي بي انصافي آهي سائين ! اول ته هڪ پوڙيءَ بيوهه کان شراب پيئڻ ۽ پوءِ پئسا گهرڻ تي مار ڏيئي قيد ڪن! اڙي آهي ڪو داد ڪرڻ وارو !" هن چيو.

"نڪر هتان رن،! وڏي آئي آهي شراب وڪڻڻ واري !" ٻه ٺڦڙون هٽي هن ڪڍي ڇڏيس۽ هوءَ بڪ بڪ ڪندي هلي ويئي "۽تون پوڙها؟"

"مور! اچي منهنجي گهر ۾ سپاهي لٿا ۽ هنن هڪ فوجي گهوڙو وڪٽي شراب وني پي ڇڏيو، هاٽي مون کي چون ٿا "گهوڙو تو چورايو آهي، ظاهر ڪر . پلا ڪٿان آٽيا ؟"

" ماڻهين جي ....مان آڻ، نکر هتان پوڙها بي ايما ن!وجي ڳول !" ائين چئي کيس بہ دروازي ڏي ٺيلهو ڏنائونس .۽"تون چوري؟" "مونکي ڪمانڊر بد ڪرداريءَ لاءِ مجبورڻو ڪري ، مونکي ست ڏينهن برابر ماريو اٿن ،" هن اوڇنگارون ڏيندي چيو .

،يچ چوري ! وچ ماڻهن جي گهر . حرامين جا ڪم تہ ڏسو ، هي جيڪڏهن جناب ڪمانڊر اعلىٰ کي روئي دانهن ڏي تہ هال تہ ڪمانڊر جاڪم لهي وجن پوءِ چوريءَ سان الاجي ڇا ٿئي!"

چوکري بہ پڄندي ويئي ۽ ڪمانڊر هن زبردست انقلابي قيدي دولينڪ ڏي نهاري پڇيو "اڙي تون ڪهڙي ڏوھ ۾ آيو آهين ؟" ڦلهو منهن ڪري هن چيو"بس سائين ! رات جي يارهين بجي سندم ڳئون ڇني ويئي ،ان کي جهلڻ لاءِ ٻاهر نڪتس تہ پڪڙي ڪٽي اندر ڪيائون .(اوڇنگارون ڏيئي ) هاءِ هاءِ منهنجي ڳئون !منهنجا ٻچا ڪيئن ڪندا ! منهنجو ماءُ پڪيڻو ٻچڙو تہ ڪير لاءِ روئي مري ويوهوندو !"

"نڪر سوئر! وڃي چورو سنيال . اڳتي ڳئون مظبوط نہ ٻڌيئہ نہ تہ ٻنهي کي گوليءَ سان ڪڍي ڇڏينداسونءِ!"

دولينڪ بہ پڄندو ويو ۽ ڪورچاڳن وائڙو ٿي اکون ڦاڙي ڏسڻ لڳو ؟" اوھ ! هيڏو سارو انقلابي ڇاپامار ، جنهن هزارين سپاهي ماريا هوندا ، سو هن بيوقوف ڪيئن نہ الغرضائيءَ مان ڇڏي ڏنو!تڏهن تہ هاڻي آءُ بہ ڇٽي سگهان ٿو!" هن جي دل ۾ عجيب اميد جاڳي !ڪورچاڳن جي پر ۾هڪ ڏگهي ڏاڙهيءَ وارو واتڙيو شخص بيٺو هو، ڪمانڊو ڪڙڪو ڪندي چيو" اڙي توکي ڇا تان پڪڙيائون ؟ ڏسجين تہ ڪو يهودي ٿو ، مڪار يهودي ! ڪوڙ متان ڳالهائين !"

" اسان حجامن جو هر گز وڙ نہ آهي سائين ! هڪ سپاهيءَ جي سنوارت ڪندي کيس ڪٽي چيم "تہ اي سائين ! غريب يهودين تي ڪو رحم ڪريو،هنن سان ڏاڍيون بريون حالتون ڪيون اٿو ، اڄ اسان جو وفد بہ سائين اعلىٰ پيٽلورا صاحب وٽ ويندو ، تہ بس ڪٽي بند ...."

اجا هن اترو مس چيو تہ هڪ زودار ٿڏو هٽي نئين ڪمانڊر چيس" چپ ڪر مردود يهودي! اوهين بہ ٿيا وفد بنائڻ وارا ! تڏهن اسين جئرائي ڪونہ آهيون ، هاڻي اتي سڙي پيومر ! سور جا ٻچا !"

حجام رڙ ڪري وڃي پري پيو ۽ ڪمانڊر باقي بچيل اڪيلي قيديءَ ڪورچاڳن کي چيو "اڙي چورا ! تون هتي ڪهڙو ڪارومنهن ٿوڪرين ؟"

روئڻهارڪو منهن ڪري هن چيو " سائين !منهنجي چنپل ڦاٽل هئي ۽ مون اسان جي گهر ترسيل سپاهين جي ڦاٽل زين مان ذرو ڪپي ، ڪٽي ان ۾ هنيو ، ( سڏڪو پري ) سائين !مونکي خبرڪانہ هئي ، تہ اهو بہ ڪو ڏوھ آهي ."

ٺڦڙ هٽي ڪمانڊر چيس " وڃ ڏوھ جا پٽ ! چنپل ٿو ناهي سوئر جو ٻچو!

ڪورچاڳن وني پير ٻڌي ڀڳو ، جنهن شخص کي اها پڪ هجي تہ جلد منهنجي ڪوپڙيءَ کي گوليءَ سان اڏائي ڇڏيو ويندو ، سو هن طرح ڦوڪٽ سان نڪري آزاديءَ جي هوا کائي اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ هئي!

# 17

اهوئي ننڍڙو تلاءُ اهو ئي وڻ ، جتي سندس محبوب بهادر نونهال ، هڪ لوڦر جي خوب مرمت ڪئي هئي ................ وچڙيل تانيا روزانو اتي اچي هنجون هاريندي هئي ايندڙ ويندڙ نهاريندي هئي ، تہ من ڪو ائين ٻڌائي تہ سندس"ڪورچيو " اجا جئرو آهي !

جنهنجا ويا جوءِ مان جهانگي ، وڃي پرڏيھ ٿيا سانگي،

مٽي تي اوءَ ٻڌايو ڪانگي ، پڇي پهرون خبر پپ پپ !

اڄ بہ هوءَ اتي ويهي لڙڪ لوڙي رهي هئي ۽ بار بار سندس انهي زبان کي پٽي رهي هئي ، جنهن مان وڪيل جي ڌيءَ نيليءَ کي سندس محبوب جو ڳجهہ ٿيو هو . آھ ! هڪ دفعو رڳو کيس

ڪورچاگن ملي ، تہ هو جيڪر سندس پير هنجن سان پسائي چويس " منهنجا محبوب ! مونکي معاف ڪج ، هي محبت غرور هو ، ڪا چغلخوري ڪانہ هئي آهہ هو وري ڪيئن ملندو !" اوچنگار نڪري ويئي!

اوچتو ..............هڪ ڪڙڪي تي نظر ڦرايائين ۽ جيڪي ڏٺائين ، تنهن ڏند سوڪ ڏيئي ڇڏيس ۽ سنسد اکون ڦٽي ويون .سندس محبوب اڳيان بينو هو ۽ هو هو بہ ساڳيءَ طرح بت بنجي کيس ڏسي رهيو هو !

"پيارا ڪورچاگن !" ڪورچاگن بہ ساڳي پا ٻوهہ مان چيس ."تون سچ پچ زندهہ آهين منهنجا محبوب ؟ آءُ خواب تہ ڪانہ ٿي لهان ؟" هن سندس ڳلن تي هٿ ڦيري چيو .

" خواب ناهي منهنجي ڪوئل ! هي انقلاب جا تماشا آهن جو مون جهڙو ڏوهاري بہ فقط هڪڙيءَ چماٽ ۾ ڇٽي آيو ! قيد مان نڪري آءُ تہ بي اختيار منهن ڪري پئي آيس ، الائجي ڪيئن اچي هتي نڪتس .....شايد تنهنجي ڪشش هئي ....... مونکي ڪا بہ خبر ڪانہ ٿي پيئي ، تہ ڪيڏانهن ٿو وڃان ...... مگر هاڻي منهنجي جان ! الائجي قسمت ڪڏهن ملائي! چڱو جوهڪ دفعو موڪلائي تہ سگياسون!"

"ڪاڏي ٿو وڃي منهنجا جانب! مونکي جهوري ۽ جهجهڻ ۾ ڇڏي تو هليو ويندين؟"

ڪيس هڪ ڀرپور پيار ڪري ڪورچاگن"چيو منهنجي دل!پلا آءُ هتي ڪيئن ٿو رهي سگهان ؟ اڄ تہ انڌ ڏند آزاد ٿيس ، سڀاڻي تہ هو بہ گهر ساريندا بہ ! بس! هاڻي آءُ جهنگ جبل ، جڏهن وطن آزاد ٿيو، تڏهن شايد وري ملون ."

روئندڙ تانيا کي ڇڏي ، هن وري ڀڄڻ جي واري ڪئي. ڪلاڪ ڪن دل جي پڙاس ڪڍي پوءِ تانيا وڌي سندس قدمن جي مٽي کنئي ، ۽ هن کي چمي ، پنهنجي چهري ، جسم ۽ وارن ۾ وکيري هوءَ واپس گهر وري ! ۽ ڪورچاگن ڀڄندوويو ......ڀڄندوويو ......۽ ڀڄندو وڃي هڪ انقلابي ڇاپامار دستي سان مليو !

# 18

هاڻي شهر شپتيووڪا جي آس پاس چئني طرفن کان انقلابي ڇاپامارن ۽ پولنيڊ فوجن جون گوريلا (بي قاعده) چڪريون لڳيون .سڀ سينيون زميندارجيئن اڳ ۾ جرمنن سان ساٿ ڏيئي رهيا هئا ، تيئن هاڻي وري پولنڊين جا ساٿي بڻجي ويا ، چاڪاڻ تہ پولنڊين سندن زمينون کونہ ٿي کسيون ، ڪين اگهہ وڌائي مليا .

مگر ٻئي طرف سڀ هاري ۽ مزدور انقلابين جو ساٿ ڏيئي رهيا هئا ، چاڪاڻ تہ انهيءَ ساٿ وسيلي ئي ڪين ڪجهہ ڪاڌو ۽ ڪپڙو ملي پئي ويو ، هونئن تہ منجهن ڪابہ طاقت نہ هئي .

هي جهيڙا جهٽون ايڏا زور وٺي ويا جن شخصن لاءِ شهر شپيتووڪا ۾ رهڻ ضروري ڪونہ هو ، تن لڏڻ ٿي مناسب سمجهيو . وڪيل ليشچنڪي وري بہ ٽيڙ ٻڌي ڀڄي ويو ، ۽ تانيا جي پيءُ رهڻ مناسب نہ سمجهيو ڪيف ڏي ڪسڪڻ جو تيارون ڪيون .

گهر وارا تہ هن لڏ پلاڻ ۾ ايترو گهڻو غمگين ڪونہ هئا ، پر تانيا نهايت مغموم هئي.جيتوڻيڪسندس محبوب کي وئي ڪيئي مهينا ٿي ويا هئاءِ ڪوبہ احوال ڪونہ مليو هئس ، تہ بہ اها اميد هيس تہ هئي رهڻ ڪري ڪڏهن هو اچي ملندم هاڻي لڏپلاڻ کان پوءِ هو مونکي ڪٿي پيو ڳوليندو!

سامان ٻڌجي تيار ٿيو ، تانيا بہ هڪ آخري نظر گهر تي وجهي ٻهر نڪتي، اوچتو اوچتو کيس آرتيم ڏسڻ ۾ آيو ،هن کي ڏاڍو اتساهہ ٿيو ، اڄ من کو ڪائنس پتو ملي پوي ، پر مٽن جي ڊپ کان هوءَ هڪ مزدور سان گهڻو ڳالهائي بہ نٿي سگهي .

آرتيم چڪر ڏيئي رهيو هو ۽ آخر هو انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي ويو، هلندي هلندي تانيا جي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ ڏيئي ويو . اها اهڙي مهل ڪونہ هئي ، جو تمام خط ڪي پڙهي سگهي ، هن نهايت خبرداريءَ سان ان ڪي اندرئين ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو . هوءَ انهيءَ خط ڪي پڙهڻ لاءِنهايت اتاولي هئي پر موقعو نٿي مليس ، ڳاڏي وهڻ بعد ، باوجود سخت سوڙه جي ڪاڪوس ۾ پهچي هن دروازو بند ڪري خط پڙيو :" پيارا آرتيم ! آءُ هي خط توکي فقط هن اطلاع لاءِ لکان ٿو ، تہ آءُ جيئرو آهيان ، اگي اگرچہ سندم صحت بلڪل خراب آهي ، منهنجي ڪلهي ۾ هڪ گولي لڳي ويئي هئي ،۽ هاڻي آهستي آهستي ٺيڪ ٿي رهيو آهيان، ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ، تہ هڏيءَ کي چوٽ ڪانہ آئي آهي ، ان ڪري پريشان نہ ٿج.

ڳالھ هيءَ آهي تہ آءُ آزاديءَ بعد پيجندو پيجندو وڃي دولينڪ سان مليس ۽ باوجود ننديءَ عمر جي بہ هن چاپامار فوج ۾ شامل ڪري ڇڏيو ، چاڪاڻ مون وٽ بہ پل پچڻ ۽ استاد يوخرائيءَ کي ڇڏائڻ جون ڊگريون موجود هيون.هن باه ۽ رت جي راند ۾ آءُ حياتيءِ ڪابہ پرواھ ڪانہ ٿو ڪريان۽ نڪي اميد ، آهي تہ ڪڏهن ڪندس بہ ! مون جهڙا ڪئين ڪونٽر قوم تان قربان پيا ٿين ، ۽ آءُ ڪهڙي وڏي چيزآهيان:

جڳ مرن تان ناھ جوکو ، شال مون جانب جيئي،
هي هيٺو هڏ ، ماھ، چم، سي آھ حاضرهوت لئي احمد
___ تنهنجو ڪورچاگن.

انهيءَ وقت ، جڏهن سڄو ملڪ باھ ۽ رت جي راند سان کيڏي رهيو هو ، هڪ چاپامار انقلابيءَ جو خط پهچي وڃڻ نهايت اهم ڪم هو ، ان ڪري تانيا هن کي وڏي نعمت سمجهي ور ور ڏيئي پڙهيو پڙهيو ۽ کيس جان سان قابو ڪري رکيائين .

اجان هنن کي روانو ٿئي ٿورائي ڏينهن ٿيا ، تہ انقلابي فوجون بہ شهر ۾ پهچي ويون . گهرن ۾ ، گهٽين ۾ ۽ رستن تي لڙائي هلڻ لڳي ۽ نيٺ پولينڊي فوجون پچ پائي پڄي ويون . شهر تي انقلابين جو قبضو ڪري ورتو ۽ وڪيل صاحب جي بنگلي تي اڄ هي ننڍو بورڊ لٽڪي رهيو هو:
"صدر دفتر انقلابي ڪميٽي"

## 19

"مسيح جو قسم !آءُ سچ ٿو چوان ، اسان وٽ ڪوبہ ان پيل ڪونهي ، اوهان کي خبر آهي ، تہ مالڪ سي موڙي ڪٽي پڄي ويا آهن ، آءُ تہ فقط قوم جو خادم بنجي خاص خدمت خلق خاطرهوٽل هلائي رهيو آهيان ؟ " " پوءِ راشن ڪٿان ٿو آڻين ؟" " چا ٿا پڇو سائين!ڏين سورن سان ، نهايت وڏي اگھ سان ڪٿان نہ ڪٿان ڪجھ هٿ پيو ڪريان .؟"

شهر تي انقلابين جو قبضوٿيڻ شرط (ڪورچاگن واريءَ) ريلوي هوٽل جا مالڪ پڄي ويا هيا ۽ هوٽل سندن بيري پروخوشڪا جي چارج ۾ هئي ، شهر ۾ ان جي سخت اٽاڻ هئي. مورچن تي وڙهندڙ سپاهين لاءِ اَن جي بيحد ضرورت هئي ، انقلابي ڪميٽي کي اطلاح مليو تہ ريلوي هوٽل وارن وٽ اَن جو وڏو ذخيرو لڪل آهي . هنن پنهنجا ڪامورا َن هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليا ، جن هوٽل جي ڪنڊڪڙڇ جي تلاشي ورتي ، پر ڪوبہ پتو ڪونہ پيو.پروخوشڪا بيڏڙڪ وڏا قسم ڪٽي سچائي ظاهر ڪري رهيو هو ، تلاشي آفيسر ڏاڍو مايوس ٿي بيٺو هو ، اوچتو پوئتان هڪ آواز آيو: " هن کان سچي ڪرائڻ منهنجو ڪم آهي ، دوستو! هي تہ منهنجو پراڻو يار آهي نہ !"

پروخوشڪا چرڪ پري ڏنو ، هڪ وڏي گهوڙي ننڍڙو سپاهي لٿو ، ۽ هنٽر هٿ ۾ ڪٽي هو ڏانهس وڌيو ."اوھ تون آهين ڪورچاگن ؟"

"جي ها آءُ اهو آهيان ڪورچاڳن ، جنهن مان تو بہ ڪڏهن هٿ رڳيا هئا ، ٻڌاءِ ، اَن جو زخيرو ڪٿي رکيل آهي ؟" هن هنٽر وڄائي ڪييس ."تون مونکي پراڻيءَ دشمنيءَ شڪار بنائي مون سان ناحق ڪري رهيو آهين." " ناحق جا ٻچا ! توکي آءُ گهڻو سڃاڻان ، هيءَ هيڏي هوٽل بنا ڪنهن رنڊڪ سان هلڻ جي پنيان ڪو ذخيرو نہ هجي ، اهو ممڪن ناهي ."

هو اهڙيءَ بيدرديءَ سان هن تي چابڪن جي وارو وار ڪري رهيو هو ، هڪ وار تہ تلاشي آفيسر کي شڪ پيو تہ پروخوشڪا سچ پچ بي ڏوهي آهي . هن ڪورچاڳن کي چيو " مهربان ! تون ناحق تہ نٿو ڪرين؟."

"تون هٿي وڄ دوست ! هن رهزن سان هر ڪو ناحق روا آهي ." ذرا چنج منٽ تہ ترس ڏس تہ ڪيئن نہ سندس پيٽ تو ڦاٽي ."

شپڪ شپڪ ۽ گهوڙا گهوڙا جي آوازن آسمان گجائي ڪٽي ڏنو ، ڏسندڙن کي سچ پچ پروخوشڪا تي قياس پئي آيو پر ڪورچاڳن قهر ديوتا بنجي چابڪن وارا وار ڪري رهيو هو . اوچتو هڪ سنن ڪپڙن واري اڌ روٺ عورت رڙ ڪري اچي ڪورچاڳن کي جهليو " ننڍڙا جوان ! هاڻي بس ڪر . هن جي جان بخشي جو واعدو ڪر ، تہ نہ رڳو ان جو زخيرو ، پر ٻيا عجائبات بہ گهڻا ڏسندين ."

هٿ روڪي ڪورچاڳن چيو" مائي ! اسان کي قوم جي فردن کي مارڻ مان مزو ڪونہ ٿو اچي،تو مڙسهين کي سمجهاءِ ، تہ هاڻي طمع جا ڏينهن گزري ويا . مالڪن جي غير حاضريءَ ۾ جيڪا بہ مايا ميڙيندو ، سا بہ انقلابين جي ور چڙهندي ، پوءِ هن طرح مارون کائڻ مان ڇا حاصل؟"

" مالڪن جي غير حاضري !" بيرياڻي ٺوڪ جو ٺهڪ ڏيندي چيو " مالڪ ڪيڏانهن بہ ڪونہ ويا آهن ڪورچاڳن ، اهي بہ تحفو ڪري اوهان کي ڏينداسون . پر وعدو ڪريو تہ هوٽل جو هيڊ بيرو وري بہ هي رهندو ."

"بيشڪ اهو مڙداڻو واعدو آهي ، برشرطيڪ اڳتي هن هوٽل ۾ نماڻيءَ"فروسيا" جهڙيو ڪاروايون نہ ٿينديون ."

" انهن ڪاروائين جي زميدار اڳوڻي حڪومت هئي ،نوجوان انقلابي !ڇا تو کي اجا بہ اهو پتو نہ پيو آهي تہ عوام جي هر برائيءَ اصل ذميدار حڪومت آهي."

" خير هاڻي گهڻو ٿيو ، جلدي زخيرو ڏيکاريو ، اسان لاءِ هڪ منٽ بہ قيمتي آهي ، اسان کي خوب خبرآهي ،تہ جيئن قوم جي هر برائيءَ جي ذميدار حڪومت ، تيئن برن حاڪمن کي عروج ۾ آڻڻ جي ذميداري بہ قوم جي هر فرد تي آهي ."

بيرو پروخوشڪا سندس زال جي اشاري تي ڪجهندو ڪرڪندو اٿيو ۽ عين انهيءَ هنڌ ، جتي ڪنهن ڏينهن ڪورچاڳن اچي مالڪ وٽ پيش ٿيوهو ، هڪ زودار لت هنيائين تہ هڪ پراسرار تهخانو جو دروازو کلي پيو ، جنهن۾ نہ فقط بي انداز اَن هو پر ٻيو بہ تمام گهڻو عوام جي ضرورتن جو سامان ۽ دولت هئا بلڪ خود مالڪ ۽ ماڪياڻي بہ انهيءَ تهخاني اندر هڪ ننڍڙي سنگاريل ڪمري ۾ موجود هئا!

اَن جو ٽرڪون پرجي مورچن ڏي ويون ،۽ ٻيو مال غنيمت هيڊڪوارٽرتي پهتو ، مالڪ ۽ مالڪياڻي ،جيل ۾ رسيا ، هوٽل تي انقلابين جو قبضو ٿيوءِ هيڊ بيروساڳيو پروخوشڪا ٿيو اهائي ساڳي هوٽل بدمعاشي جي اڏي بدران هڪ سچي قومي خدمتگاه بنجي ويئي .ماڪن جي مصيبت ۽ سندس بري درگت بنجڻ ڪان پوءِ پروخوشڪا جون اکيون کلي پيون ۽ محسوس ڪيو تہ انقلاب ڇاکي چئبو اهيءِ هڪ واريءَ انقلاب اچڻ بعد ملڪ جي حالت ڪهڙي بنجي ٿي ، سو مرونءَ مان ڦري ماڻهون بنجي ويوءِسموريون صلاحيتون بدمعاشن بدران انقلابي ڪاز ۾ ڪم اچڻ لڳيون !

هيچ را هر چيز ڪردي زنده باش اي انقلاب !

20

# ڊاڪٽر نينا جي ڊائري

26اگسٽ 1920ع

اڄ ايمبولنس رستي ڪافي زخمي سپاهي منهنجي اسپتال ۾ آندا ويا . پر جنهن سپاهيءَ ڪي ڏسي منهنجي حيرت جي حد ڪانہ رهي ، سو هڪ سترهن ورهين جو چوڪرو ڪورچاڪن هو.

هن ڪي مٿي تي هڪ دستي بم لڳو هو ، جنهن ڪري هڪ پاسي جي ڪوپريءَ جي هڏي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هئي . مون تہ سمجيو هو تہ ڪو رنگروٽ آهي پر هي معصوم چا لڙندو هوندو ، پر جڏهن شناختي ڪارڊ تي آفيسرن جا نوٽ پڙهيم ، تہ وائڙي ٿي ويس ، صرف هڪ سال جي عرصي ۾ هن اترين تہ جنگين ۾ڀهرو ورتو هو ،جو سمجھ ۾ ئي نٿي آيو تہ هيءَ عمر هي بهادريون !

بيشڪ اهو ملڪ يوڪرين ڪنهن جو غلام نٿو بنجي سگهي ، جنهنجي سرزمين اهڙا بهادر نونهال پيدا ڪري جي هر وقت سسيءَ ڪي نيزن سان ڪيڏائندا وتن!"

24اگسٽ 1920ع

اڄ اسان گڏجي ڪورچاڪن جي هڏيءَ جو معائنوڪيو ، زخم نهايت اونهو آهي ۽ سيني جي اها راءِ هئي تہ زخم جي سلائيءَ خاطر اک کي بہ ڪڍڻو پوندو ، مگر مون ان جي سخت مخالفت ڪئي، آہ !اهڙو سهڻو نوجوان چڱي ڀلي ٿيڻ بعد اک کان محروم هجي!

"ڊاڪٽر نينا !تون رڳو هن جي سونهن جي حفاظت سبب هن جي زخم جي صحت ڪي رڪين ٿي؟"ٻئي ڊاڪٽر تيز ٿي چيو .

"سونهن بہ املهہ خزانو آهي ڊاڪٽر صاحب ! سهڻا انسان قدرت جي ناياب نعمت آهن!"مون جواب ڏنو .هن تي104 ڊگريون بخار هو ، ڪيس سرسام هو ، هو وقلي رهيو هوبيشڪ مون سندس سونهن بچائڻ جو زيادہ خيال ڪيو هو ، پر چا ڪريان ، هن هن محبت ڀري تصوير کي ڪيئن ڦٽايان ! آخر تہ هن ڪي بہ ڪنهن محبوبہ وٽ پيش ٿيڻو هوندو !

ساري ڏينهن جي ٿڪ هوندي بہ مون آڌي رات هن نونهال جي پرواخت ۾ گزاري چڏي ۽ پوءِ بہ تيستائين نہ اٿيس ، جيستائين هڪ سياڄهڙي نرس "فروسيا" اچي وايو نہ ورتو،" هن تي منهنجو بہ خاص حق اهي ڊاڪٽر !" هن پاٻوهہ مان چيو.

"تون هن ڪي سڃاڻين ٿي؟" مون پڇيو."مون هن سان ڪافي عرصو گڏ نوڪري ڪئي آهي ." هن جواب ڏنو.

" پوءِ فوج ۾ تون ڪيئن پهتينءَ؟"مون پڇيو . " جيئن هي پهتو!" هن مرڪي جواب ڏنو!

24 آڪٽوبر1920ع

پوڻين ٻن مهينن جي علاج ۽ فروسيا جي اڻ ٿڪ تيمارداريءَ سبب اڄ ڪورچاڪن اسپتان مان نڪتو ، ۽ سندس اک جي خوبصورتي گم ڪانہ ٿي، پر نظر ختم ٿي ويس ،اف! هاڻي هاڻي نشان ڪنهن سان چٽيندس؟ ڪاٻيءَ اک ڪي هرڻ ۾تہ ڪافي وقت ڪپي! هن ڏاڍي ارمان سان چي .

ههڙي موت مار حادثي بعد بہ هن ڪي رڳو مورچو ياد آهي ۽ هو چيو ٿو تہ ، اهڙي سڃاڻي ٻي کهڙي زندگي وطن جي خدمت ۾ ختم ٿئي!

24ڊسمبر 1920ع

توبهه ! فوجي زندگي ڪهڙي نه اڙانگي آهي ، ناتال جي سڳوري رات ملهائڻ به مشڪل اهي . چا ڪريان ، عين يارهين بجي زخمين جي ايمبولينس آئي ، هنن کي ڏسڻو ته ضروري هو ، پر ڪيس ڏسندي مون بي اختياررهر بدران چڙ اچي ويئي"ڪورچاگن! تون ماڻهون آهين يا مريخ؟ ههڙي موت مار زخم بعد به وري وڃي جنگ ڪرڻ لڳين؟" مون بي اختيار هڪ زخمي کي چيو .

"پياري ڊاڪٽرياڻي !ڪجهه ڪونهي ، صرف زرا پٺيء جي ڪنڊيَ ۾ ٿورڙي ٺوڪر آئي آهي !" هنٿهڪ ڏيئي چيو .مگر اها مهانگي ڪانهي ،دادي!سڄا سارا ستر مردود جهنم رسيد ڪيا اٿم !"مگر ايتري چوڻ بعد سندس مرڪ ختم ٿي ويئي ۽ هوڏرڪي پيو .

سندس پنيء کي ڏسي منهنجا هوش ئي خطا ٿي ويا ،گولي هڏيءَ کي پچي اندر گهڙي ويئي هئي اف! هن جو جگر ته ڏسو جو ، جوانهي کي به "ٿورڙي ٺوڪر" پيو سڏي.

25 ڊسمبر 1920ع

اڄوڪو خوشي جهڙو ناتال پيو مشڪل گزاريو هوندم، اڄ شديد محنت بعد اسين ڪورچاگن جي ڪنڊي مان گولي ڪڍي ويا سون ، ۽ هن بهادر نونهال جي زندگي خطري کان ٻاهر نڪري ويئي!

"منهنجا ٻچڙا! دل ته ائين ئي پيئي چوي ته
جڪرا جيئين شال ! تنهنجو مندو ڪنين نه سڻا!"

# 21

"اڙي تون؟..........سچ پچ تون ڪورچاگن آهين؟" بي اختيار اڪيون مهٽي يوخرائيء هن ڏي ڏٺو ۽ رڙ ڪري ڪٽي پاڪر پاتائين" اوهه ! پيارا نونهال ! تون جيئرو آهين ؟"

سندس نرڙ تي چمي ڏيئي هو ڪانئس جدا ٿي چيو . " مگر اسان ته ٻڌو هو توکي پٺيء جي ڪنڊي ۾ زبردست گولي لڳي هئي ۽......۽ ........" ڳالهه ڪپي ڪورچاگن ورندي ڏني " ۽ آءُ مري ويس ائين نه؟ " ٿهڪ ڏيئي هن چيو " دوست اڃان ته مرڻ جي تمنا ڪانه اٿم ، پر ( ٿدو شوڪارو پري ) اهو افسوس اٿم ، ته هر هند هر فوجي يونٽ ۾ ، مونکي ان فٽ ڪن ٿا . سيڪو چوي ٿو ته توکي ڪنهن به صورت فوج ۾ رکي نٿو سگهجي اف!ڏاڍي امنگ اٿم ته اڃان گهڻا غدار جهنم رسيد ڪريان پر ڪٿي به نٿا وٺنم !"

"توکي آءُ ٿو ونان دوست !منهنجي يونٽ ۾ رهه ، فوجي ڊاڪٽر توکي فٽ نه ڪندا پر آءُ توکي في الحال اهڙو ڊپارٽمينٽ ڏيندس جو روزانو ٽريننگ ڪلاس وٺندو رهج ، پوءِ ڪنهن مهل اهڙو موقعو به اچي ويندو جو توکي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ کان ڪو روڪي ڪونه سگهندو."

"ايئن ڪريان گهڻ ۾ گهڻ وطن جي آزادي تائين پينشن وٺڻ تي وڃڻ لاءِ مجبور نه ڪريوم!"

" چگو چگو هيءَ گرما گرڪافي ته پيءُ!"

اڄ ڪيترن مهنن کان بعد ڪورچاگن آرام سان ويهي ڪافي پيتي ، اسپتال کان نڪرڻ بعد هن جي پينشن جو آڊر ٿيو هو، پر هي واٿڙن وانگر فوجي يونٽن جا چڪر لڳائيندو ٿي وتيو ۽ نيٺ يوخرائي جي يونٽ ۾ ٽڪاڻو مليو.ڪورچاگن جي مطالعه ۾ تازا پرتي ٿيل رنگروٽ هن وٽ ايندا هئا ۽ هن کي ڏسي وائڙا ٿي ويندا هئا . هنن ٻڌو هو ته سندن استاد اهو بهادر ڪورچاگن آهي ، جنهن معرڪن ته دشمن دوست سڀ حيران آهن ، پر روبرو ٿيندي ئي هنن جي نظر هڪ بلڪل نوجوان يوڪئي تي پوندي هئي ،جو ڪنهن ڪنهن مهل نهايت ترنم سان ڳائيندو هو :

"بهي جهان غم جي ٽلڪن ۾ ٻڏل اهي،
نهايت ڏک ڀريل گذر ٿئي ٿو.
زندگي ڪهڙي ڀيانڪ نظر پئي اچي .
ماحول جي اونداڻيءَ سبب روح گهبرائجي پيو .
پر جڏهن بہ انسان جو شعور سجاڳ ٿي ويو آهي،
اڄ هر ڪنهن طرف کان جمهور جو اواز بلند ٿيو آهي.
عوام پنهنجي نوڪرن سان بادشاهن جو غرور ڊاهي پيو.
اڄ هڪ ننڍڙي جهرڪي بہ باز خلاف ڪمر ٻڌي اٿي آهي .
اڄ گلشن ۾ گل، گل چنبڙ خلاف صفون ٻڌي بيٺا آهن،
واٽ ۾ گٽيئي، ڳرا پٿرعوام کي ڪچلڻ آهن،
سوين ارڙ ڪيس ڳڙڪائڻ لاءِ ويٺا آهن ،
خوفناڪ ڪنڊا هن جي اگاڙن پيرن کي واٽ ٽٽا ڏين ،
تڏهن انسان پنهنجي منزل ڏي وک وڌائي پيو،
منزل دور آهي پر عزم محڪم آهي،
اجهو هوءَ پرهہ ڦٽڻ لڳي،
ڀلا هاڻي اونداهي ڇا بيهي سگهندي !
جيڪڏهن درياءَ کي واٽ نہ ملندي ،
تہ هو پٿر ٽوڙي بہ واٽ پيدا ڪندو ،
اسانجي هي نغما سيلاب وانگر ساري جهان تي ڇانئجي ويندا .
ڪهڙي شان سان هو جهنڊو پيو جهولائي .
ساري دنيا هن نور سان روشن آ ،
ڀلا ڇو نہ !
هن نُورڪي اسان پنهنجو رت ڏيئي چمڪايو آهي،
هن جي سوانح،نونهالن کي بهادريءَ جون امنگون ڏنيون،

نوجوانن کي باجذبات خيالن سان انهن کي ڪانئس وڌيڪ جوش عطا ڪيو، هو فوجنم نہ هو پر فوجو پئي تيار ڪيائين ، بهادرين ڏيکارڻ کان مجبور هو ، مگر سندس سبقن بهادرين جا بي مثال نظارا پئي ڏيکاريا ؛

هن کي قوي اميد هئي تہ نيٺ مونکي فوج ۾ گهڙي.ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو ، پر جنگ هلندي رهي ....پيٽلورا ڀاران غدارن جو زور هٽندو ويو ، ۽ آخر.. آخراهو موقعو اچي ويو ، جو پولنڊ سان صلح ٿيوهنن جو فوجون هٽي وييون،۽ ۽غدارن جو فوجون صفا ٽٽي وييون.

ٽڏو شوڪارو ڀري هڪ ڏينهن هن يوخرائي کي چيو "بس معلوم ٿو ٿئي تہ منهنجي امنگن ڪڍڻ جو وقت انيدوئي ڪونہ !"

" گهبراءِ نہ دوست!اڃا هڪ ٻيو ناٽڪ باقي رهيو پيو آهي ، ۽ توکي بہ انهيءَ ۾ پارٽ ونڻ جو موقعو ملي ويندو !" يوخرائي ٺهڪ ڏيئي چئي رهيو هو!

22

"يسوع مسيح جا غلامو ! خداوند خدا جا پوڄاريو ! اي موسىٰ جا مجندڙوء !۽اي عربي نبيءَ جا امتيو!اڄ اهو مبارڪ ڏينهن آهي ، جو اسين سڀ "خداپرست" هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهيون ،اسان جا مذهب ڌار ڌار آهن ۽ تحقيق اسين هميشہ پاڻ ۾ وڙهندا پئي رهيا آهيون،پر خدا پرستن لاءِ اهو خطرو پيدا ٿي ويو، جنهن اسان جي سينن مان ڪينو ڪڍي ڇڏيو آهي ۽اسان کي پنهنجي بقا ۽ پنهنجي خدا پاڪ جي رضامندي لاءِ متحد ٿيڻو پوندو............؟"

فادر واسيلي،يعني شهر شپيتوڪا جو اهو ئي ساڳيوپادري ، يعني ڪنهن زماني ۾ اسان جي ناول جي هيرو ڪورچاگن کي سخت مارڏيئي پنهنجي مدرسي مان ڪڍي ڇڏيو هو، سو اڄ هڪ خفيہ تهخاني ۾ ، هلڪڙيءَ بتي جي روشنيءَ ۾ ، سامهون وينل مجمع کي افتتاحي تقرير ٻڌائي رهيو هو، سندس بہ جوان نازنين ڌيئرون نهايت سهڻيءَ اڌ اگهاڙن ڪپڙن سان ، تمام سٺي سينگار سان، ڳلن کي پائوڊر ۽لبن کي لالي لڳائي ، سندس پر سان ويهي مخاطين جي سينن تي بجلي ڪيرائي رهيون هيون ،۽ سامهون وينل "خدا پرست" پادري ساحب جي گفتن ٻڌڻ کان وڌيڪ توجهہ سندن حسن ڏي ڏيئي رهيا هئا !پادري صاحب ساهي کڻي چيو"دوستو!اوهان کي معلوم هوندو تہ اهو مشترڪ خطرو ڪهڙو آهي،هاڻ، هي اهو مشترڪ آهي جو اسان کي اسان جي پياري سچي خدا جي پرستش ڇڏائي هڪ اهري نئين ۽ وڏي خدا جي پرتسش سيکاري ٿو، جنهن جو پيرهن اسان جي خدا پرستيءَ جو ڪفن آهي . جيئن هڪ شاعر ٿو فرمائي تہ :

ان تازه خدائون ۾ سب سي بڙا وطن هي
جو اس پيرهن هي،وه ملت کا کفن هي!

هو سچو زور انهيءَ تي ڏين ٿا تہ "يوڪرين"اسان جو مقدس وطن آهي ، اسن کي انهي سان محبت رکڻ گهرجي ، انهيءَ لاءِئي جان فدا ڪرڻ گهرجي مگراسين پلا ڪٿان ٿا هن نئين خدا لاءِ جان فدا ڪري سگهون ؟ اسان جي مقدس سرزمين فلسطين۽عرب ۾ آهي ، اسن جي انهيءَ محبت ۽سڪ ک گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي اسين پلا ڪٿان ٿا برداشت ڪري سگهون؟

مگر (اوڇڱاريون ڏيئي) آهہ! اسين ڇا ڪريون ، انهن ملحدن انهن دهرين ، بلڪ(جوش مان)انهن ڪافرن اڄ مزدور۽ هاريءَ جو نعرو لڳائي انهن کي پنپلائي اسان مٿي تسلط۽قبضوڪري ڇڏيو آهي. اسان جي نوجوانن کي برغلائي، پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو خدا پرستيءَجي نور کي وسائڻ جون ڪوششون ڪن ٿا،ياد رکو!

نور خدا هي ڪفر ڪي حرڪت پہ خنده زن،
ڦوڪون سي يہ چراغ بجهايا نہ جائيگا !

اسين "خدا پرست " بہ خاموش نہ آهيون ، خدا جا پيا بندا بہ دنيا ۾ اسان جا همدرد موجود آهن . اسان جي انهن دوسن ۽ همدردن بلڪ هم مقصدن پولينڊ ۾پنهنجو مرڪز قائم ڪيو آهي ۽....۽ (نهايت آهستگي )اڄ اها مبارڪ رات آهي ، جو انهي نور جا شعاع هتي بہ پهچي ويندا . دوستو!ڪوبہ غم نہ ڪريو ، خدا پاڪ جي مدد جاڻ پهتي ۽ فتح ويجهي آهي..."

ٺڪ ٺڪ ٺڪ !

پادري صاحب گهبرائجي ويو ، تهخاني جي ڏاکڻ جو دروازو تہ هن بلڪل مضبوط بند ڪيو هو ، اندر تہ ڪنهن بہ سپاهيءَ کي اچڻ جي اجازت ڪونہ هئي . پوءِ هي ڪير ٿو اچي ، پر .....هنجي رڙ نڪري ويئي ، جڏهن ڪورچاگن ۽ گڏ سندس ٻيا پنج ساٿي پريل پستول کڻي ڏاکڻ مان لٿا ۽ هنن ڏي نسان ٻڌي چيائون "خبردار هٿ ايا ڪريو ، ڪوبہ پنهنجي جاءِ تان

چُريو آهي ، تہ سندس ڪوپري چُور ڪئي ويندي ، بہ سو فوجي جوان هن جاءِ ڪان ٻاهران گهيروڪري بيٺا آهن.” ڪورچاڳن وڏي پادريءَ وٽ آيو،“ اڙي تون ڪورچاڳن؟ڇا تون بہ ملحدن دهرين ۽ ڪافرن جو ساٿي آهين ؟ اڙي نوجوان !تنهنجي ماءُ تہ يسوع مسيح جي وڏي معتقد آهي !” پادري صاحب وڏيءَ پاٻوهہ سان چيو “اسين بہ معتقد آهيون پادري صاحب !اسين بہ يسوع مسيح کي دل سان مڃون ٿا ، پر انهيءَ کي نہ، جنهن جا خليفہ اوهان جهڙا بدمعاش ۽ رهزن آهن .اسين ان يسوع مسيح کي مڃون ٿا ، جو غريبن ، هيٺن ۽ مظلومن جو حامي هو، جوبيمارن جو بهترين همدرد هو ، ۽ ها اي يهودي پائرو!اسين انهي موسىٰ کي بہ مڃون ٿا ، جو فرعونن ، هامانن ۽قارونن جو جاني دشمن هو ۽ اي مسلمان پائرو! اسين انهي عربي نبيءَ تي سلام و صلاوات چئون ٿا ، جنهن قيصرن جا تخت لرزايا ، جنهن ڪسرائن جي قصرن جا ڪنگرا ڪيرايا۽جو يتيمن جو يار هيٺن جو غمگسار هو ۽ مظلومن جو مدد جنهن دنيا کي اهو پيغام رسايو تہ :

“جيڪي شخص سون ئي چانديءَ جا خزانا گڏ ڪري رکن ٿا ۽ خلق خدا جي خدمت ۾ خرچ نہ ٿا ڪن ، تن جا چهرا ۽ پاسا انهيءَ سان ڏنيپا ويندا.”

۽ جنهنجو ارشاد هو تہ زمين،ڪارخانن ۽ عهدن جو امانتون سندن اهلن کي سنپالڻ گهرجن ،۽جنهن دين جي تبليغ جي اجرت کي حرام بنائي ڇڏيو هو ،۽ جنهن جو ارشاد هو تہ“حب الوطن من الايمان”. مگر اڄ تو جهڙا بدمعاش مڪار، خدا پرستيءَ جي سندس نالي ۾ ، هنن سيني ابوجهن کي پولنيڊ جا غلام بنجڻ جا سبق ڏيئي رهيا آهن .اڄ اسان خدا جي سچن بندن اوهان جي سازشن کي سرنگون ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي “ڏهين مرڪز” تي قبضي ڪرڻ جي چارج هن نيازمند کي مليل آهي ، مڪار ڪتا!”

ائين چئي هن بي اختيارسندس ڏاڙهيءَ مان جهلي لوڏا ڏيئي،سندس منهن تي ٿڪ ، اچلائي هڪ زوردار ٺُڦڙ وهائي ڪيي. پادري رڙ ڪري چيو“اهو سڀ ڪوڙ آهي ، اسان جي ڪابہ سازش ڪانہ آهي،تو مونکي ننڊ پڻ جي مار جو وير ٿو وٺين!”

“بيشڪ !ڏٽيءَ جا لک شڪر آهن ، جو اڄ هن منهنجو اهو ننڊپڻ جو قسم پورو ڪيو، پر هي وٽ تنهنجا اعمالناما! اچي پڙهہ پنهنجا هٿ اکر!”هن ڪيسي مان سندس خط ڪيي اکين اڳيان ڪيس ۽ هو چڪر ڪائي ڪري پيو!

هي اهو ناٽڪ هو ، جنهن ڏي يوخرائيءَ اشارو ڪيو هو ، گهڙيءَ پل ۾ پادري ۽ سندس سيني ساٿين جا هٿ پيرٻڌا ويا ،پادريءَ جي ڪبوترين (ڏيئرن) جو نازڪ ٻانهون بہ رسين سان جڪڙيون ويون ۽ڪين وٺي اچي انقلابي مرڪز ۾ هاضر ڪيو ويو.

اڄ ههڙي خوشيءَ جي موقعي تي ورهين جي وچڙيل ماءُ بہ پٽ کي اچي ملي، نرڙ ۽ ڳلن تي چمين برسات لائي وسائي ڏنائين. هن سمجهيو تہ هاٽي هوگهر رهندو ، پر“جنهن کي تار لڳي يار جي ، سا ڪئن ڪندي گهر ٻار جي!” هو وري بہ پنهنجي مرڪز ڏي هليو ويو ، ٻاهرين منصوبي تي بہ قبضو ڪيو ويو ، پر اندروني خطرا اڃا گهٽائي موجود هئا.

23

" آءُ اچي سگهان ٿو؟"

"اچ اچ دوست! مونکي هن وقت تنهنجي ئي ضرورت هئي، اچ ايڏو تہ غمگين ۽ پريشان آهيان ، جو ڪجهہ بہ اجهيم اڪليم ئي ئي ڪونہ ٿو ." ڪورچاگن جي پڇڻ تي يوخرائي جواب ڏنو.

"ڇا ڳالهہ آهي استاد ؟" ڪورچاگن ڪي بہ سندس چهرو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو تہ يوخرائي ساري رات ڳڻتين ۾ گذاري آهي ۽ هڪ سيڪنڊ بہ اک نہ پوري اٿس.

" ننڍڙا دوست !" يوخرائي پريل آواز ۾ چيو"ايڏو تہ ڳرو مسئلو آهي ، جو هوش نڪاٽي نہ اٿم. اسان کي آئينده ڇهن مهينن لاءِ ، جن ڇهن مهينن ۾ يوڪرين ۾ برف ئي برف وسندي آهي ، هڪ لک اسي هزار مڪعب ميٽر ڪاٺيون گهرجن ، ۽ اسين هر طرح جي ڪوشش باوجود بہ چار سو مڪعب ميٽر في مهنو يعني صرف چار سو معڪب ميٽر ڪاٺيون هٿ ڪري سگهيو ٿا، پلا اڍائي هزار ۽ هڪ سو اسي هزارن جي پاڻ ۾ ڪا نسبت ٿي سگهي ٿي ؟" "ڇا، انهيءَ جي اڳ ڪا رٿا ڪيل ڪانہ هئي ؟"ڪورچاگن پڇيو.

"رٿا تہ ڪيل هئي ، پر ڪامياب نہ ٿي ، ڪن سازشي ڪومورن اها برباد ڪري ڏني ، انهن کي تہ گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو سون ، پر انهي مان بارڻ جو مسئلو تہ حل ڪونہ ٿو ٿئي." پنج منٽ مٿي تي هٿ رکي سوچ ڪري ، ڪورچاگن پڙڪي اٿيو ،۽ چيائين "پنو ڪڻ استاد !" بنا ڪنهن سوچڻ جي يوخرائي پنو هٿ ۾ ڪنيو ."لِکُ !" ڪورچاگن جڻ تہ حڪم ڪيس ۽ هن قلم هٿ ۾ ڪنيو.

" بارڻ جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ ڪورچاگن کي فل اختيارين سان آفيسر مقرر ڪجي ٿو ......ڪيس حد هر شخص جي مال، جسم ۽ جان تي مڪمل قبضو ڏجي ٿو ......" ڪورچاگن جي حڪم تي مشين وانگر لکندو ويو.

"ٺيڪ آهي ........وجهہ سحيح.........لڳاءِ مهر.........بس بس اهو ڪاغذ مونکي ڏي .....هاٺي ڏس هن "ڪهاٺي" جا ڪارناما !....." ڪورچاگن جي اک جي نظر ختم ٿيل هئي ، بيو ڪو ڪيس "ڪاٺو"سڏي چيڙائي ؛ تنهن ڪان اڳ هوئي پاڻ کي فخر مان "ڪاٺو"سڏيندو هو ، ڇو تہ اها اک بہ وطن جي جهاد ۾ ختم ٿي هئي، جنهن ڪري فخرجو باعث هئي .

"مسٽر چرونسڪي !توهين گهٽو بارڻ سپلاءِ ڪري سگهندو؟"

"مان دسمس آهيان !.......جناب !.........انقلاب دشمنن جي ڪاروائين جو ڏوهہ مون تي پوڙهي مزدور تي وجهي ، مون کي بارڻ ڪمپنيءَ جي صدارت تان ڊسمس ڪري ويو آهي." چرونسڪيءَ پريل آواز ۾ چيو ،پر ڪورچاگن جون دور انديش نظرون ڏسي رهيون هيون تہ اها پڙاوٺ بناوٽي آهي.

"مگر مون اهي آڍر واپس ورتا آهن ۽ توکي فقط سسپنڊ ڪيو اٿم ، بس تون سمجهين ٿو تہ رڳيءَ ڊسمسيءَ ۾ ڇٽي ويندين؟"

"مان دسمس ٿيڻ بعد ڪجهہ بہ جواب ڏيڻ لاءِ بڌل نہ آهيان" شپاڪ! ڪورچاگن جو زودار هنٽر سندس پٺن تي پوڻ تي هو رڙ ڪري اٿيو . " توکي ڪوبہ حق حاصل نہ آهي هڪ آفيسر کي مارڻ جو ذليل چورا!" شپاڪ ! شپاڪ !شپاڪ !!!

"گهوڙا ڙي ظلم آهي ........انڌير آهي .... بغداد آهي......"

"بغداد جا بچا ، سچن سارن انن مهينن ۾ مزدورن گهٽيون ڪاٺيون وڍيون ؟"

"بہ ....بہ......بہ لک ڏهہ هزار ....مڪعب ....ميٽر " ۽ انهن مان پهچن ٿيون فقط چار سو مڪعب ميٽر مهنو ، باقي ڪاٺيون پل تہ جهنگل ۾ سڙن يا ماڻهون چورائي وجن ائين نہ ؟ "" پوءِ آءُ ڇا ڪريان" مونکي انهن کي ڪٽڻ لاءِ گهرجن هزار گاڏيون ۽ مونکي مليون ئي آهن فقط سو گاڏيون ....." شپاڪ ! هڪ زوردار هنٽر وري بہ سندن پٺن تي لڳو . "۽ اسٽيشن تائين گهٽو مال روزانو پهچندو هو؟"هن سوال جو چرونسڪي ءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو ، هو فقط رڙيون ڪندو رهيو ، ڪورچاگن هنٽر وڄائيندو ويس . آخر هو ساٽو ٿي ڪري پيو ۽ چيائين" آءُ ڇا ڪريان . مزدور فقط 40گاڏين جيترو مال آڻيندا هئا."

“ڳاڏيون هزار ٽي طلبيئہ ۽ مال پهتو ٽي چاليهن جو ، اجان بہ تون بيقصور آهين؟”
“پوءِ مزدورن نٽي آندو تہ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ ؟”
“ ڏوهہ جا ٻچا ، اٽي بيهي جواب ڏي ” هڪ زوردار هنٽر لڳڻ تي هو خوفناڪ رڙڪري اٽي بيٺو
“ هي آهي نقشو ، ٻڌاءِ تہ تنهنجا مزدور هينئر ڪاٽي ڪم ٽا ڪن؟”
ڦتڪندي ڏڪندي هن هڪ هنڌ تي هٿ رکيو .“ هي هنڌ اسٽيشن ڪان اٺ ميل پري آهي نہ؟” “ ها ......” هن وري بہ ڏڪي چيو.
“ ۽ اوهان ڪي تہ حڪم هو ، تہ پنجن ميلن تي جهنگل ۾ ڪاٺين وڍڻ بعد پوءِ تي واپس ايندا وڃيندا اچو نہ ؟پوءِ اوهين الٽو اڳتي ٽي ويوء ؟”ڪنهن جو جواب ڏيڻ بنا چرونسڪي بيهوش ٽي ڪري پيو .

# 24

“استاد يوخرائي ! اهوئي اصل سبب آهي ، جنهن ڪري هيڏوخرابو ٽيو آهي ۽ انهي ڏي ڪنهن جي نظر ڪانہ ويئي آهي؟”
“اوهہ سبب ڳولڻ ۾ تہ ڪمال ڪئي،پر خدا جا بندا ! هتي علاج گهرجي . ڪنهن بہ صورت ۾ پوٽا ۽ لک ميٽر ڪاٺيون گهرجن ، نہ تہ اسپتالون ، ڪارخانا ، اسڪول آفيسون ۽ ٻيا لکين انسان فرفاني شنڪنجي ۾ جڪڙيل هوندا ۽ ساري ڊويزن تباهہ ٽي ويندي ! هونهہ وڏو آيو آهي سبب ڳولڻ وارو ......” “ پر استاد ٻڌ تہ سهي ، اسان ڪي ڪنهن بہ صورت ۾ پنج ميل ريلوي لائين تيار ڪرڻي پوندي . ” “ چا مطلب ؟”يوخرائي باهہ ٽي اٿيو” پنج ميل ريلوي لائين ؟ خزان جي برسات جاڻ شروع ٽيءِ اسين ويهي پنج ميل ريلوي لائين ناهڻ شروع ڪريون ؟اها نهندي ڪيئن ؟ تنهنجو هوش تہ نڪاٽي آهي؟ ” “ جي ها ،بلڪل نڪاٽي اٿم . برسات شروع ٽئي،ڪٽي چا بہ ٽئي ، اهو ڪم ڪرڻوآهي ۽ضرور ڪرڻو آهي، فضائي آسمان است اين، بهر صورت شود پيدا! ” “مگر....”
“مگر ٻگر ڪجهہ بہ ناهي، هڪدم حڪم ڪڍ استاد ،نہ تہ توتي بہ چابڪن جي وارون وار لڳائي ڏيندس ....جهٽ ڪر ....هڪدم”
“ يوخرائي وائڙن وانگر حڪم ڪڍيو :”ساڍا ٽي هزار مزدور ۽ٻہ انجنيئر ڪورچاڱن جي حوالي ڪيا ويا وڃن ، ۽پنج ميل ريلوي ناهڻ لاءِ سڀ گهربل سامان ڏنو وڃي .....” ۽ ٻئي ڏينهن ڪورچاڱن حڪم ڪڍيو :”ساڍا ٽي هزار مزدور ۽ بہ اجنيئر هڪدم مونڪي ڏنا وڃن۽ يا بہ ايترا تيار ڪيا وڃن........” “ٻيا چو ؟” ماتحت آفيسرپڇيو. “چاڪاڻ تہ پندرهن ڏينهن بعد انهن جي جاءِ تي گهربل ٽيندا ” “هي چو نہ ؟ ” “ هي سڀ اڌ مئا ٽي ويندا ، ۽ برسات جاڻ شروع ٽي . بويارڪا اسٽيشن وٽ رهڻ جو ڪوبہ چڱو نڪاٽو ڪونهي ،سڀ نمونيا ۽ يرجي واپس ٽيندا . پورن چوڏهن ڏينهن اندرٻيا نہ پهتا تہ هنن مان هڪ بہ ڪم نہ ڪندو....۽ هان.....هر پندرهن ڏينهن ٻي ٻي باري اچڻ گهرجي... ” “پر جناب ايترا مزدور ڪٽان ايندا رهندا!”
“ڪٽان بہ اچن ، هر تندرست ڪي زوريءَ پرتي ڪريو ، جنگ ۽ عشق ۾ سڀ ڪجهہ روا آهي. لکن ماڻهن ڪي بچائڻ خاطر هزارن ڪي ضرور وهائڻو آهي... ...حڪم جي تعميل ڪريو ...ڪوبہ سوال جواب نہ ٻڌو ويندو .....ڪنهن بہ حالت ۾ 1جنوري 1922ع تائين ٽي ميل رستو تيار ٽي وڃي ....”
“ٽن مهينن اندر ٽي ميل؟.......۽ ڪاٺين جي ڪٽائي .....؟ آفيسر جو گلو خشڪ ٽي ويو ، “مگرسائينجن ڪي پتو آهي جيڪي انجڻيون اسان ڪي ملن ٽيون سڀ بيڪار آهن؟”
“جي ها ،اهي سڀ مرمت ڪيون ويندو.” “مگرمرمت لاءِ سامان؟”
“ڪٽان بہ ڪٽي اچو ، ڪنهن بہ ورڪشاپ مان زوريءَ ڪڍبو،چاهي ڪيتروبہ چيخيندا رهن ، ۽ هان......اسانکي هڪ سو فل هتيار بند ملٽري گهرجي، جا هر وقت هر حڪم جي تعميل ڪري، اسان تي ڌاڙيلن جا حملا بہ ٽيندا ، خود اسان جي ريلوي آفيسرن جا بہ جن جي ورڪشاپن مان زوريءَ سامان

**ڪٽندا سون .1_جنوري 1922ع تي ريلوي چالو ٿيندي ۽ضرور ٿيندي ..... فضاء آسمانست اين ، بهر صورت شود پيدا!**

# 25

**سموري علائقي ۾ هڪ پائيتال مچي ويو ،اجا پهرين باري ڪم تي پهتي مس تہ برسات اچي سالاماليڪ ڪئي. ٻي باري پهچڻ کان اڳ ئي اڌ مزدور پڄي ويا ۽ باقي اڌ مان فقط انهن کي موڪل ڏني ويئي ، جي بيمار هئا ، هي نئين ملٽري هر هنڌان ماڻهون پڪڙيندي موڪليندي ٿي ويئي ، هر ريلوي ورڪشاپ مان زوريءِسامان ڪنيائين . انهي حد تائين ، جو ڪيترن اسٽيشنن جا دروازا پڻجي ويا ، جي نئين ورڪشاپ لاءِ ٽا ڪپن!**

**روزانو ملٽريءَ ۾ جهنگل جي ڏاڙيلن جو چڪريون لڳنديون هيون... روزانو مينهن راڳا پئي ڪيا ،۽ ....۽هاڻي تہ برف بہ وسڻ شروع ڪيو...**

**“گاڏي چو بيهي رهي؟..”**

**گاڏيءَ مان لهي ڪورچاگن ڊرائيور کان پڇيو “جناب !اڳيان سارو رستو برف ڍڳن سان پريو پيو آهي. ” “ هڪدم برف هٽائي وجي” ڪورچاگن پنهنجن ساٿين کي حڪم ڏنو.**

**“ مگر ايسن ٿورا آهيون ، برف ڪيئن هٽائي سگهنداسون .”**

**“سيني مسافرن کي حڪم ڏنو تہ برف هٽائين ........ها ها!سيني مسافرن کي بہ شامل ڪريو....ڪنهن بہ اميرغريب جو سنڌو نہ ڪجو .... خبر اٿوتہ هن ئي گاڏيءَ ۾مانين سان پريل گاڏو آهي؟.... اهو وقت تي نہ پهتو تہ مزدورن سان ڪهڙي حالت ٿيندي؟”**

---

**“ توهين چو نہ ٽا برف هٽايو؟”هڪ عزتدار نهايت عمدن ڪپڙن گرم ڍڪيل کي ڪورچاگن ڪڙڪو چيو .هن جنٽلمين سان گڏ گرم ڪپڙن ۾ ويڙهيل هڪ عورت هئي، هن شخص ڪورچاگن جي ڦاٽل۽ميلن ڪپڙن ، نهايت ڦاٽل بوٽ ۽ گپ ۾ پريل بوٽ ڏي ڏسي چيو “تون ڪير آهين موکان پڇڻ وارو ؟” آءُ هڪ مزدور آهيان ”**

**“ تہ پنهنجي جمعدار کي موڪل تہ مون سان ڳالهائي” “مون کي ئي جمعدر سمجيو”**

**”مان تو جهڙي ذليل کي جمعدارسمجهڻ لاءِ تيار نہ آهيان”**

**“ تہ نہ سمجهہ منهنجي سحيح کان سواءِ هن بعد تنهنجو ٽڪٽ بيڪار آهي ، پيا هليا ويندا ۽ اوهين ساري رات هتي برف ۾ پيا هوندو ، هن جهنگ ۾ ڏاڙيل خوب رهن ٿا......۽ هان خاتون!تون چا ٿي چوين ؟.....اوهہ....”ڪورچاگن کان چرڪ نڪري ويو ، عورت ڪنڌ مٿي ڪري هن ڏي نهاريو هو ۽ هن سندس چهري کي ڏسندي ئي چرڪ پري چيو“اوهہ!تون آهين تانيا!........”**

**تانيا بہ چرڪ پري هن ڏي ڏنو، آفيسر ڪيس ٻانهن کان وٺي چيو “هل پياري تانيا! ڪنهن ڪوچڙي کي معزز انجنيئر جي منگ سان ڳالهائڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي !”**

**مگر تانيا اهي لفظ ڪونہ ٻڌا هن ٻانهن ڇڏائي چيو“ ڪورچاگن تون؟.........تون زنده آهين؟......منهنجون اکيو دوکو تہ نٿيو ڪائن ..... مون تہ توکي مئل سمجهي....” هوءَ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي. مونکي مئل سمجهي هن معزز انجنيئر صاحب سان مڱڻو ڪئي نہ ؟....نيڪ آهي ، هڪ ٻيلي جي آفيسر جي ڌيءَ هڪ انجنيئر سان سونهي ٿي .... مونکي سچ پچ پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ گولي لڳي هئي ، منهنجي بچڻ جو آسرو ڪونہ هو ....... پر اجا گهڻن نازڪ بدن آفيسرن وطن جو سچو خادم،۽ وطن جو ادنيٰ مزدور بنائڻ لاءِ زنده رهيو آهيان .....”**

**بي اختيار سندس هٿ مان بيلچو کسي تانيا برف طرف رواني ٿي ويئي...... انجنيئر صاحب وائڙو ٿي هن جي پٺيان هلڻ لڳو!**

## 26

" اوهه تانيا تون هتي؟"

هلڪيءَ روشنيءَ ۾ تپ سان هرڪندي ڪورچاگن ٽپ ڏيئي گاهه جي بستري تي اپو ٿي ويو"تون چو گاڏيءَ ۾ ڪانه وئين ؟ " "گاڏيءَ ۾ چو وڃان " تانيا سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو . "تون تہ پنهنجي منگيندي سان گڏ وڃي رهي هئين نہ؟"

"اصلي منگيندي هٽ اچڻ بعد بہ نقلي منگيندي سان گڏ رلندي وتان؟" آهه تنيا!..."

هو رڙ ڪري گاهه جي بستري تي ڪري پيو "پياري تانيا!.... تون هي ڇا ٿي ڪرين ؟مون ڪوچڙي وٽ ڇا رکيو آهي؟"

تانيا مرڪندي جواب ڏنو :

"سرير سلطنت سي آشيا يار بهتر هي،

همين ظل هماسي سايءِيار بهتر هي.

" مگر اهو يار آهي ڪٿيءِسندس آشنا ڪٿي؟ تانيا خاتون! توکي شايد معلوم ئي ناهي تہ آءُ زنده نہ آهيان ، منهنجي تي اها حالت آهي جو "پيئي ڪٽي پساهه ،پسڻ ڪارڻ پرينءَجي!"بٽ زخمن جي نشانن سان پريل ڪوپريءَجوهڪ طرف پگل ،هڪ اک ۾ سوجهرو ڪونهي ،پنيءَ جو ڪنبو گوليءَ سان چور ٿيل....ڪپڙن ءِجسم ڪا پرواهه نہ ڪرڻ سبب اڃ اهڙو سخت بخار اچي ورتو اٿم ، جو پانيان پيوتہ ڊبل نمونيا جاڻ ظاهر ٿي....ءِ ڪمزوري ٿي تہ پنيءَءِدماغ جا سنڌا کلڻ لڳندا...وڃ تانيا خدا جي واسطي واپس وڃ ....وڃي ڪا سکي زندگي گذار... آهه!...."

ءِ هو چڪرائيجي ڪري پيو. . تانيا يڪدم ڪٽي پاڪر ۾ ورتس، هن جو جسم ٽنڊن وانگر تتل هو،پنلءِگپ ۾ پريل گاهه جي بستري تي ويٺل تانيا کي نہ پنهنجا ڪپڙا ياد هئانہ جسم،ڪورچاگن جي تہ ڪپڙن ءِ جسم مان بہ بدبوءِ اچي رهي هئي ، پر تانيا بار بار پئي چميو !

ٽڪ ڪان چور ٿيل ڪي همراهه اتي آيا....ڊبل نومونيا يڪدم ظاهر ٿي ويئي ءِ پوءِ وڌندي ويئي آخر سرسام بہ ٿي ويو .... هو پورو مهينو انهيءَ ۾ ورتل رهيو هو، هو هر وقت وڦلي رهيو هو ، پر وڦلڻ ۾اهائي وات ۾ وائي هيس تہ "گاڏي هلايو ، رستو ناهيو1_جنوري تي نئين نئين گاڏي ضرور چالو ٿيڻ گهرجي...."

ءِ جڏهن پهرين جنوريءَ تي تانيا رڙيون ڪندي آئي "ڪورچيا !مبارڪ گاڏي چالو ٿي ويئي."

"مبارڪ هجيئي ڪورچيا ! گاڏي چالو ٿي ويئي "تڏهن هو اتاهه بيهوشيءَ وڃان هڪدم سجاڳ ٿي اٿي ويهي رهيو"ڇا سچ مچ گاڏي چالو ٿي ويئي " " واهه واهه !"واهه واهه هو وري بہ ڪري پيو ، هاڻي هوش خطا نہ ٿيا بلڪ خوشيءَ ۾ بخار ڍرو ٿيڻ لڳو .........ءِ هڪ هفتي اندر هو انهيءَ لائق ٿي ويو ، ٻاهر ڪرسي تي بہ ويهڻ لڳو.

## 27

# وطن زنده باد

10 _اپريل1922ع... اج شهر شپيتووڪا جي ٽائون هال کي خوب سينگاريو ويو هو " اج مزدورن جو نئون شاهي جهنڊو ڦڙڪي رهو هو، اج سڄو هال بجلين سان جڳ مڳ ڪري رهيو هو.

اج هال جون سموريون ڪرسيون ته پرجي ويون هيون ، پر ماڻهن جي ڳاهٽن سبب تر ڇٽڻ جي جاءِ به ڪانه هئي اج ڪورچاڳن جي مڪمل

صحتيابيءَ سبب سڄي شهر طرفان ڪيس مان ملڻو هو.

مقرر وقت تي هجوم وچان جڏهن گورچاڳن ۾ تانيا اندر ايا تڏهن "ڪورچاڳن زندباد" "تانيازندباد!" "محبان وطن زندباد!" جي نعرن سان آسمان گجائي ڪنيو .

"دوستو! هم وطنو....."

ڪورچاڳن جو زوردار آواز سيني جي ڪنن ۾ پهچڻ لڳو .... هيڏو سارو هجوم اهڙي ته خاموشيءَ ۾ هو ، جو سئي ڪري ها ته به سندس آواز ٻڌڻ ۾ اچي ها .....ڪجھ پر پرو شهر جا ٻار خوشيءَ مان آتشبازيون ڇوڙي رهيا هئا ، ٻئنڌ هن مفهوم جا وطني نعرا بلند ڪري رهيو هو!

*******************************************

ختم شده